Bha
سرءُ جا پن
نارايڻ ڀارتي

B-7(172)



ماتا جا اوراڻا

گلوڪار : شيلا منگتاڻي

Pradeep Kalani
Chairman

GIRISH WINES
Industries Pvt. Ltd.

Gala No. 1, Chander Shekhar Azad Marg,
Near Ruhani Satsang Hall, Khemani, Ulhasnagar-2.

☎ Off. 546677-540309 548301 2/3/4/5/6
Resi. 544320 /1/2/3/4/5
Bom. Off. 8367367/68 8370908/07 Fax. 546777

Gram : NAVJNBANK Ph. : 73847

The Navjeevan Co-op. Bank Ltd.

[Regd. No. TNA/ULR/Bank [0] 101/84-84 Date 14-2-85]
Regd. Office : Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar-3.

— We pay 1% higher rate of interest than that offered by Nationalised & Commercial Banks on all types of deposits.
— We extend Financial Assistant to retail/small traders professionals, self employed. transport operators, Small Scale/Tiny Industries & other priority sectors.
— Deposits upto Rs. 30,000/- in respect of each depositer are fully protected by the Deposit Insurance & Credit Guarantee Corporation Bombay.
— Safe deposit locker facility available.

Sital Harchandani (Ex. MLA)
Special Executive Magistrate
Chairman

Managing Director
Bacho Rupchandani
Municipal Councillor

Udho Mirani
Vice Chairman

With Best Compliments from

Basant V. Chellani
Anil B. Chellani

NENUMAL JEWELLERS

(Lunch 2 to 4)

Gold & Diamond Ornaments Makers,
Sellers & Buyers

Shop No. 123/124, Japani Bazar, Ulhasnagar-421002.

Tel 541210—541284—546640

★ جڏهن زندگي ۾ غريبن جي خدمت نه ٿي، اها زندگي اجائي آهي.

★ جڏهن ڌن مان ڪو ڪارج نه ٿيو، اهو ڌن اجايو آهي.

— سر ڳواسي رام بي. موڏواڏي

Space donated by :

Mohan Keswani

Block No. 14/108,
Santacruz [E], Bombay-400055.
Tel. 6125391

ONE MORE REASON TO
CELEBRATE!
SPECIAL OFFER
ON GODREJ WITH PUF
Each and every person who buys
a Godrej refrigerator this festive season.
is twice as lucky.
One, because he gets
the best refrigerator
money can buy And
two, because we're
giving a really special
offer on the purchase
of each and every
Godrej with Puf
Hurry! Rush to your
nearest dealer for
details.
Godrej ® with Puf
HTA 2889d
Nothing can match the powers of Puf.
Gram LASSI Kal.
LASSI TRADERS
KLN. 24139 414139
DBL. 5837/3297 478037 470969
Showroom : Mustfa Manzil, Shankarrao Chowk, Kalyan-421301.
Alankar Society Bldg. Tilak Road, Dombivali (E) 421201.
Everest House, Opp. Railway Crossing, Dombivali (W) 421202

Dilip & Ajay

Phones : 72492–79967

LORDS

DRESSES

Manufacturers of :

Shirts, Trousers, Baba Suits & Punjabi Suits

SANMAN

894, Japani Bazar, Ulhasnagar-2.

With Best Compliments From :

SAMTANI JEWELLERS

Gold Ornaments Makers

SELLERS & BUYERS

855, Japani Bazar, Ulhasnagar-2.

☎ 547991, 547995, 547996

With Best Compliments From

In the Loving memory of beloved Dada Late Shri

J. G. CHANDNANI

From :

A. J. Chandnani

Approved Govt. Contractors

Ulhasnagar–3.

Vicky Raj Textiles

O. T. Section, Ulhasnagar-2.

With Best Compliments from

PRAKASH G AHUJA

PRAKASH AUTO

Authorised Dealers of :

bajaj auto ltd.

For

Scooters Motor Cycles, Three Wheelers

Spares & Service

Showroom :

Regal Complex, Ground floor, Opp. Shantinagar Bus Stand, Kalyan Ambernath Road, Ulhasnagar-3.

Phone : 0251-79072 Telex : 0135-220 KEUR IN

With best compliments from :

Glory Land

Manufacturers, Exporters & Retailers

- Salwar Kameez
- Skirt Tops
- Dress Materials
- Wedding Silk Sarees
- Shararas & Chaniya Cholies
- Toys
- Cosmetics

853, Japani Bazar, Siru Chowk, Ulhasnagar-2.
Phone 543293

With Compliments from

R. KUMAR
DRESSES

Manufacturers of : Punjabi Suits
Baba Suits, Full Suits, Shirts & Baby Frocks

Shop No. 259, opp. Bus Stand, Ulhasnagar-1.
Tel. : 546211 Resi. 542307

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Ram H. Dhanwani

SAI TRADERS

Wholesale Wine Merchants

Distributors for : Khajuraho Khazana &
B.M.S.S Ltd, Products

9-10, Luv-Kush Tower, Opp Civil Court, Ulhasnagar-3.
Phone : 544717-548293 Fax 0251-548253

With Best Compliments From

Elma Electric Co. Pvt. Ltd.

Design & Manufacturers of :

1. Power Control Centres
2. Motor Control Centres
3. Distribution Boards.
4. Instrument Control Panels

Plot No. A-303, Road No. 32, Wagle Industrial Estate,
Thane–400604.

Phones : 5322441-5322417 Telex 011-72379 ELMA IN
Cable - ELMAPANELS, Thane-400604.
Fax - 022-5321747

With Best Compliments From :

Ram Jawhrani

Chairman

Sahyog Foundation

(A Socio-Cultural Organisation)

2, Bhagat Co-op. Hsg. Society, Plot No. 417, 14th Road,
Bandra, Bombay-400 050.

TeleFax 6431784

WITH BEST
COMPLIMENTS
FROM

MAHALAXMI JEWELLERS

Govt. Approved Regd. Valuers

806, Zaveri Bazar, Ulhasnagar-2.
Tel. 542209-545310-540182
Cable : LAXMI JEWAL

WITH BEST
COMPLIMENTS
FROM

Modern Radio House Pvt. Ltd.

P. O. 4050, 290, Lamington Road, Bombay-400007.

With Best Compliments from

Haresh Tolani
Ashok Tolani

Phores Off. 543979
Resi. 544242

Hardayal Pharma Distributors Pvt. Ltd.

Shop No 6, Sneh Sagar Apartment, Near Post Office,
Ulhasnagar-1.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Bharat Confectionery Works

Mfg. of : Quality Biscuits & Breads



Office : B. D. D. Chawl No. 94,
Bombay–400018.
Phone : 4932658

Factory : Waco Compound, Plot No. 2, Ulhasnagar-4.

Office : 551411-551051 Resi. 546191

سرءِ جا پن

(يادگيريون)

000029

ڏارايڙ پارٽي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر - ٣.

ॐ

House of variety...

PLY WOOD, TIMBER, LAMINATE Etc.

Visit at:

MATRABHOOMI

SAW MILLS: Contractors & Timber Merchants	TRADERS: Dealer in:
PLOT No. 90. SECT. 8-A HOSPITAL ROAD ULHASNAGAR-421003	COM. & DECO. PLY WOOD, BLOCK BOARD. OKAL BOARD W. P. PLY. CEMENT SHEETS LAMINATE SHEETS, GLUE Etc.
Tel. 555505	Tel. 555506

Our Associates :

Matrabhoomi Construction Co.

(Builders, Developers & Govt Contractors Phone Shop 555507)

With best compliments from :

IS : 1011

ISI

Samrat's®

BISCUITS

* Glucose * Marie * Coconut Cookies * Honey
* Nic Nac * Salty Bar * Fruit Cream * Nice
* Lemon Cream * Orange Cream * Saltobix
* Kharamitha * Bourbon Cream

ALWAYS THE BEST

M/s. Samrat Food Products

32, Industrial Area, Ulhasnagar-4.

Fax No. 0251-553815 Tel. 550715-554815-78915

M. Bha (59/Z
(060)

ڪتاب بابت ...

منهنجون هيءَ يادگيريون (سرءُ جا پن)، ٻي سلسلي يادگيرين، اُهي آهن جڻ سرءُ جي مند ۾ وڻ مان ڇڻيل پن، جي هت هت ٽڙيا پکڙيا پيا هجن ۽ مان اُنهن کي ميڙي جهول ۾ وجهندو ويندو هجان.

منهنجي زندگيءَ جي وڻ مان، ٦٠-٦٢ مندون گذرڻ بعد هي ڇڻيل پن جي، هر هڪ پن جي پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي آپ ٻيتي آهي.

ڪن دوستن جي ويچارن ۽ راين موجب مان اکروٽ جيان سخت آهيان ۽ ڪافي ڪوشش بعد ٽٽندو آهيان. ليڪن ڪن ٿورن کي ئي شايد سڌ هجي ته اکروٽ اسما أن السان الدران، ٽٽڻ بعد، ڪسارو نه، مٺو گورو ئي نڪرندو آهي. اهو منهنجي هڪ جيون روپي ورقن مان ته ظاهر آهي، جي منهنجي جهول-اما، هن ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن، جا بجاءِ پکڙيل آهن.

أدب ۽ ڪتابن سان موه نه هجيم ها ته، اڄ هيءَ ٽڙيل وکريل پن ميڙڻ - چونڊڻ جي نوبت ڪانه اچي ها. پر اهو شايد قدرت طرفان، منهنجي نسبت ۾ اول ئي طئه ٿيل هو ته، مونکي قلم هٿ ۾ کڻڻو هو ۽ ڪپڙي مائڻ بدران ڪاغذ ڪارا ڪرڻا هئا؛ پني ۽ مس سان ئي منهنجو واسطو رهڻو هو... ۽ رهيو آهي.

اڄ عمر جا نيهٺ سال (جنم آڪٽوبر ١٩٣٢) پورا ڪيا اٿم. پر اڄ سوڌو پڙهندو لکندو رهان ٿو. يعني منهنجو لاڳاپو لکڻ پڙهڻ سان هلندو رهي ٿو. سمجهان ٿو ته اهو سلسلو هلندو ئي رهندو جيستائين جيئرو آهيان.

ڪو شخص هماليه جبلن ۾ وڃي ڪنهن غار غفا ۾ رهي تپسيا ٿو ڪري، ڇو....؟ هو ته دنيا کان دور آهي، پرسندي کان به پري آهي، ڪنهن کي ڪهڙي جاڻ ته ڪير ڪٿي آهي؟

SARAU JA PAN

Memories

By : Narayan Bharati

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3.
Tel. ; 544100

Published by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Madhawdas Achhra
Shree Geeta Printing Press
Sindhunagar-421003.
Phone ; 545616

Sole Agent ;
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Tel : 540455)

Price : Rupees Thirty only
Year : October 1995

سلسلو

	صفحو
١. منهنجا هم ڪلاسي	٩
٢. ساهتيه سان چاهه	١٥
٣. وطن جي راهه	٢١
٤. ڪيل غلطي	٢٥
٥. جڏهن مون آواز ڪئي	٢٨
٦. اوکي واٽ اخبار	٣٠
٧. منهنجو هيرو	٣٣
٨. صاف مقصد	٣٧
٩. منهنجو دوست	٤٠
١٠. اهو مان ۽ مرادس	٤٥
١١. لاڳاپو ره	٤٩
١٢. گهڙي پل	٥٥
١٣. جو چاهيو	٥٩
١٤. هيءَ ڪنهنجي جوڙ	٦٢
١٥. مٽي منهنجي ملڪ جي	٦٥

منهنجا هم ڪلاسي

سنڌ ۾ ٻارن کي اسڪول ۾ ڇهن سالن بعد ئي پڙهڻ لاءِ موڪليو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻار جي عمر ست اٺ سال به ٿيندي هئي جڏهن ئي هو اسڪول ۾ ويهندا هئا.

اڄ هت ٻار ٽن سالن جو مس ٿيو ٿئي جو کيس اسڪول ۾ ويهاريو ٿو وڃي. پهرين ٻال مندر ۾ ته پوءِ پرائمري اسڪول ۾. پوءِ پل ته ٻار جي سمجهه اڀري نه به هجي.

مان به ڇهن سالن بعد جڏهن پرائمري اسڪول ۾ ويٺس. پهرين سال ۾ ٻئي پڙهيم - يعني استاد پٽيءَ تي الف ب لکي ڏيندو هو ۽ انهن ئي ٻارن کي الف ب لکڻي هئي سو به ڪاري مس ۾ ۽ ڪاني جي قلم سان. اڄ وانگر نه بال پين هيون ۽ نه فائونٽين پين هيون.

سڄي ڏينهن ۾ اسڪول جي وراندي ۾ هيٺ پٽ تي ويهي ڪتل جي ڪکڙن سان الف ب ٺاهي پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ سکيو هو ۽ شام جو موڪل کان اڌ ڪلاڪ کن اڳ اسڪول جي پڌر ۾ پٽ سان ويهاري ڪوڙا سيکاريندا هئا. هڪ وديارٿي جو عمر ۾ وڏو هوندو هو - "هڪ ڏون ڏون" ــ. پهريان اسان سڀ ڪلاس جا ٻار چوندا سين - هڪ ڏون ڏون، پوءِ اهو وري چوندو - "ٻه ڏون چار ۽ ائين ٽه ڏون ڇهه، چار ڏون اٺ، پنج ڏون ڏهه، ڇهه ڏون ٻارهن، ست ڏون چوڏهن، اٺ ڏون سورهن، نو ڏون ارڙهن، ڏهه ڏون ويهه" سڄو هفتو اهو ئي هڪ ڏون جي جدول هوندي هئي. پوءِ ڪڏهن استاد وچمان پڇندو هو - چار ڏون....؟

پر ان لمحي ڪنهن کي پنهنجي من جو سک آهي. هو پنهنجي من، پاڻ لاءِ هي سڀ ساڌنائون ٿو ڪري. منهنجو لکڻ پڙهڻ بہ پنهنجي من جي خوشيءَ لاءِ آهي، سک لاءِ آهي.

مان ڪنهن تي ڪا مهرباني ڪونہ ڪري رهيو آهيان ۽ نہ ڪنهن جي ڪا سيوا ڪري رهيو آهيان، منهنجي ورلڊ مان ڪو ڪنهن کي فائدو ملي ٿو تہ واہ واہ. پر منهنجو مقصد اهو نہ آهي. انڪري مان پنهنجو سفر ڪندو رهان ٿو.

انسان آهيان. سماج ۾ رهان ٿو. گهر بار بہ آهن. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن دک سک، من کي، خيالن کي لوڏين ٿا، پر وري بہ ڪي سنسڪار، ڪي اڳين جنم جا ڪرم، ساهس ڏيئي، آساہ ڏيئي اڳتي وڌائين ٿا ۽ مان اڳتي وڌندو رهان ٿو. بس، شل ائين اڳتي وڌندو ٿي رهان. گرديو ٽئگور جي ڪوتا رهنمائي ڪري ٿي:

"ايڪلا چلو - ايڪلا چلو"

پڙهندڙن کي هي يادگيريون ڪيتريون ٿيون پسند پيون. اهو اهي ئي ٻڌائين تہ بهتر آهي ۽ بس.

نارايڻ ڀارتي

٥٦، هيرا هائوسنگ سوسائٽي،
اولڊ ٽيليفون ايڪسچينج سامهون،
الهاسنگر - ٣.

پهرين سيپٽمبر ١٩٩٥ع

ڪيترو نه خراب آهي. پر تڏهن الائي ڇو نه، اسان کي اهو اٽو ٽندڙ يا اگرو لڳندو هو ۽ نه وري هنن کي ئي ڪو خراب محسوس ٿيندو هو.

مولوي ياد نه آهي ته ڪڏهن ڪو ڪيس ڪنهن ٻار سندس اصولڪي لالي ساٿ سڏيو هجي، سواءِ ڪلاس ۾ حاضري پڙهڻ وقت استاد ڪيس ٻار محمد ڪري حاضري پڙهندو هو. ورهاڱي بعد هو هڪ پرائمري سڪول ۾ ماستر ٿيو هو ۽ مولوي خط لکي احوال ڏياريندا. خط هيٺان نه لالو محمد لکي ان هيٺان انگريزي ۾ ٻار محمد رسول بخش پورو لالو لکيو هوندا هئا. رسول-بخش اسانجو ڪڙمي هو. انگريزي ٻار محمد بعد مٿيو محمدجو ڪافي لحاظ رکندو هو. حساب ۾ هوشيار هو ۽ مان حساب ۾ شروع کان ڏڏ هيس. انگريزي هو مولوي حساب سيکارڻ لاءِ اسانجي اوطاق تي ايندو هو. پڙهيس مولوي نه هيٺ جهڪي گڏيو هو. تڏهن خبر نه پوندي هئي ته هو انهن جهڪي عزت سان ڇو ٿو گڏجي، پر هاڻ سمجهي سگهان ٿو ته هو اسان جو ڪڙمي (ڪيٽي ڪندڙ) هو انگريزي مولوي مالڪ سمجهي عزت ڏيندو هو ۽ عزت وچان مجبوري کو ٿيندو هو. محمدجي ڪهاڻي ”دستاويز“ جو مکيه پاتر نه اهو ٿي رسول بخش آهي ۽ ٻرابر محمدجي پٽ جي شاديءَ تي قرض ورتو هئائين. جو دستاويز محمدجو پاڻ (محمدجو پيءُ محمدجي ان سالن جي عمر ۾ گذاري ويو هو) جو ٿي سڄو ڪاروبار هلائيندو هو.

محمدجي پاڻ ڪليم پڙهڻ لاءِ اهو دستاويز ڪڍيو هو. پر پوءِ ان جو ڪليم نه پري اهو دستاويز ڦاڙي ڇڏيو هئائين.

ها ته ڳالهه هئي محمدجي هم ڪلاسين جي. پرائمري تعليم وقت بعد ڪوٽ ۾ اسان ڇهه ڇٽا هڪ ٽولي ۾ هئاسين. هرگن گلومل، موتو رهندومل، جاڙو حڪومت مل، ماڻڪ پاڻي، مان ۽

جي ٻار کي پوري جدول ياد هوندي ته چوندو ته ڇپ ڪري من ۾ سوچيندي ڇپن ۾ ٺڪ ڏون ڏون ڪندو ڇٽن تي پهچي چوندو اٿس، يعني ته ٻار کي جدول پوري ياد نه آهي ۽ انهن سڄو سال اها پڙهي، پٽ تي ڳڻڻ سان الف ب لکڻ ۽ ويهن تائين جدول ياد ڪرڻ - ٻئي سال ٻاراٺو درجو هوندو هو.

پوءِ ٽئين سال درجو پهريون پڙهڻو پوندو هو يعني جي ٻار کي پنجن سالن بعد به سڪول ۾ ويهاريو وڃي ته هو يارهن سالن بعد به يعني يارهين سال ۾ پير رکڻ سان درجو پنجون يا پهريون انگريزي پڙهڻ شروع ڪندو.

مان سال ١٩٣٢ ۾ ڄائو هيس. سال ١٩٣٨ ۾ سڪول ۾ ويٺس ۽ پهرئين سال ۾ ٻئي ۽ ٻاراٺو پورو ڪيم، يعني هڪ سال ٻچايم. سال ١٩٣٩ ۾ درجو پهريون پڙهڻ شروع ڪيم ته پرائمري سڪول ۾ ماستر صاحب ملا سيد حسام الدين ۽ سائين محمد وريل - ٻئي پڙهائڻ جا هوشيار هئا. ٻئي ٻاهر ٻئي ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ سيدن مالي / روني سڪول جا وڏا ودياراٿي سڪول جي پرسان ڪندا هئا. راس جو ٻئي استاد سڪول جي هڪ روم ۾ سمهندا هئا. هر ڇنڇر تي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ويندا هئا ۽ سومر ڏينهن سڪول ۾ ايندا هئا.

اهي ماستر صاحب سال ١٩٤٢ تائين ته مون سان گڏ هئا. پوءِ شهر ۾ آيس ۽ اتي سيڪنڊري سڪول ۾ پهريون انگريزي ۽ پنجون سنڌي پڙهڻ شروع ڪيم. سال ١٩٤٣-٤٤ پهريون، ١٩٤٤-٤٥ ٻيو، ١٩٤٥-٤٦ ٽيون، ١٩٤٦-٤٧ چوٿون، ١٩٤٧-٤٨ پنجون.

پرائمري سڪول ۾ منهنجا هم ڪلاسي هئا، ڀار محمد، جو هڪ پير کان لنگڙائي هلندو هو. اڪثر سڀ ٻار کيس منڊو ڪري ڪوٺيندا هئا.

هاڻ سوچيندو آهيان ته ڪنهن منڊي کي منڊو ڪري سڏڻ

منهنجو هم ڪلاسي هو ڊاڪٽر هربخش هريرام، جو هاڻ ڪولهاپور ۾ رهندو آهي. اهو ۽ مان گڏجي پڙهندا هئاسين. وئڪيشن ۾ يا موڪلن ۾ گڏجي گهر لاءِ مليل ڪم ڪندا هئاسين.

بس، واقفيت جاڻ سڃاڻ ته ڪافي هئي پر دوست ٿورا. اڃا ڪجهه سال مس گذريا جو ورهاڱو ٿيو ۽ جون ويهين تاريخ سال ١٩٤٨ ۾ الهاسنگر ۾ اچي پهتاسين جنهن کي تڏهن ڪلياڻ ڪئمپ ڪوٺبو هو. ان زماني ۾ ڪو به اسڪول ڪو نه هو. ڪجهه مهينن بعد وٺلواڙي ريلوي اسٽيشن پريان هڪ اسڪول کليو جنهنجو نالو هو سنڌ نيشنل هاءِ اسڪول (جو هاڻ چوٿين نمبر جي او. ٽي. سيڪشن ۾ آهي) پڙهڻ جي ڪافي چاهنا هجڻ ڪري ڪو وسيلو ڪو نه هو، نه پئسا هئا ۽ نه پذيرائي. ان وچ ۾ اخبارن ۾ پڌرائي آئي ته جن ٻارن اٺون درجو پاس ڪيو آهي، اهي ڌوليا جي سرڪاري ٽريننگ اسڪول ۾ پينٽنگ، موٽر مڪينڪ، اليڪٽرڪ وغيره جي سکيا وٺي سگهن ٿا. چاليهه روپيه مهينو ملندا. رهڻ لاءِ هاسٽل آهي ۽ کاڌو ميس ۾ کائڻو پوندو. مون به فارم ڀريو ۽ داخلا ملي وئي. اتي مون سان گڏ هڪ ودياٿي وشنو به هو، جو هاڻ الهاسنگر ٽئين ۾ پرائيوٽ سنيما جي اڳيان پينٽنگ جو ڌنڌو ڪندو آهي.

مان اٽڪل ڇهه مهينا کن سکيا ورتي. پوءِ هڪ ڌڙڪ ڪري اها ٽريننگ ڇڏي واپس الهاسنگر آيس ۽ ڪنهن ٻولي موهن کلپنا سان واقفيت ٿي. جنهن سنڌ نيشنل هاءِ اسڪول ۾ ڏهين درجي ۾ داخلا وٺي ڏني ۽ پنهنجي ڪلاس ۾ داخل ڪرايو. جنهن ۾ سندس دوست گدو ساماڻي، ارجن چاولا، موهن مٽائي، گهنشام ليکراجاڻي اڳ ئي موجود هئا. اهي پوءِ منهنجا به دوست ٿي ويا ۽ ڪجهه هفتن بعد هرپال دادلاڻي به داخل ٿيو. اهو به ان ٽوليءَ ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ ڪل ست ڄڻا هئاسين پاڻ ۾.

ٻار محمد ڳڻ پڙهندا هئاسين، ڳڻ رانديون ڪندا هئاسين ۽ منجهند جو اُس ۾ ڳوٺن جي انهن جي باغن مان انب ۽ انبڙيون چوري ڪري کائيندا هئاسين.

پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ ورتم ٿــ. سيڪنڊري تعليم شهر ۾ ورتم. پوءِ اچڻ لئي قمبر ۾ آياسين.

سڪول ۾ ٻهراڻ ني اچڻ آهوجا، (جو هٿ الهاسنگر جو هڪ ٻرڪ وڪيل هو ۽ ميونسپل ميمبر ني رهيو؛ تازو اڳئين سال گذاري ويو آهي)، پڙهندو هو.

هن سان واقفيت ٿي. اڳم ني هئي، جو هن جو ڪپڙي جو دڪان جنهن بازار ۾ هو، ان ني بازار ۾ سامهون واري قطار ۾ اسان جو دڪان ونئي حال في الحال وهڻ جو نڪاتو ڪيو هو - ڇو جو هت ته اوطاق هئي ني ڪولا، پوءِ هاري ناري ڪٿي گڏجڻ اچن. اڪري هڪ دڪان مسواڙ تي وٺي هارين جي ڀانڻ جهڙو ڪپڙو رکي هيٺڪ ڪئيسين ۽ مان دڪان تي اچي ويهندو هوس ته سامهون واري دڪان تي اچڻ آهوجا به اچي ويهندو هو ۽ انهن هڪ ٻئي سان ڏٺ وٺ ٿئي جا پوءِ سڪول ۾ پڙهڻ سان گهري ٿي. هن تي مولڪي سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس جي قمبر برانچ جو سيڪريٽري چونڊڻ ۾ سهڪار ۽ ساٿ ڏنو هو، سنڌس ياري آخرين دم تائين رهي. ورهاڱي بعد هت الهاسنگر ۾ به اسانجو ناتو قائم رهيو ۽ هر هفتي گڏيا هئاسين.

قمبر ۾ رهڻ واري جاءِ، جا مسواڙ تي هئي اها بدلائي ٻئي پاڙي ۾ ورتي سين. پهرين لوڪمانيه جيٽلي جي گهر پرسان گهر هو ته هاڻ هن پاڙي / گهٽيءَ ۾ جاءِ ملي، جتي رام نڪراڻي رهندو هو. سائين ولايتراءِ دربار جي پڻ گهٽيءَ ۾.

هي ٻئي دوست مولڪان مٿين درجي ۾ پڙهندا هئا. پر

ساهميءَ سان ڄاڻ سڃاڻ ....

سال ١٩٤٢ع جي جون جولاءِ ڌاري سنڌ ۾ زبردست ٻوڏون پيئون هيون، ڪيترائي شهر - ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا هئا. اسانجو ڳوٺڙو به ان جي چپيٽ هيٺ اچي ويو هو ۽ اسان ڳوٺ ڇڏي، پرسان شهر ۾ اچي حال في الحال ماسيءَ وٽ رهياسين. سڪول به بند هئا جو انهن ۾ ڳوٺن مان ٻوڏ جي ستايلن کي رهايو ويو هو، جيستين ٻوڏ جو پاڻي لهي وڃي ۽ انهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ڏانهن موٽي وڃن - اسان مهينو کن ماسيءَ وٽ رهي قبر جي چاڙهيءَ واري اراضيءَ ۾ هڪ جاءِ مسواڙ تي وٺي حال الي رهڻ لڳاسين.

سڪول جو به اڌ سال گذري ويو هو. سنڌ ۾ امتحان مارچ ۾ ٿيندا هئا ۽ وئڪيشن جولاءِ آگسٽ ۾ ملندي هئي. جو سنڌ ۾ انهن مهينن ۾ ئي ڪافي گرمي هوندي هئي. سيپٽمبر جي پهرئين هفتي ڌاري سڪول کلندا هئا. اهو سال به منهنجو پڙهڻ ڇٽو، مان فقط گهر جو ڪم ڪار ڪندو هيس، شهر ۾ رهڻ جو به ڪو پڪو ارادو ڪونه هو ۽ ائين هڪ سال ٻيو به گذري ويو ۽ مان سڪول ۾ داخلا ورتي سال ١٩٤٤ع ۾ ۽ درجي پهرئين انگريزيءَ ۾ (هاڻ درجو پنجون) ڳوٺاڻا ڇوڪرا سواءِ انگريزيءَ جي ٻين ڪمن ۾ شهري ڇوڪرن کان هوشيار هوندا هئا، جو ڳوٺن ۾ پڙهائي سڄو ڏينهن هلندي هئي. سڪول جي وقت جي پابندي اهڙي ڪانه هوندي هئي.

سڪولن ۾ پڙهائيندڙ ماستر صاحب به ٻين ڳوٺن مان نوڪريءَ سانگي جدا جدا ڳوٺن جي سڪولن ۾ نوڪري ڪندا هئا ۽ رهندا به سڪولن جي پرسان وارن کن جاين ۾. انگريزي پڙهائڻ جو ڪم ڇيڪ سرڪاري وقت کان وڌيڪ ئي هوندو هو.

ان عرصي ۾ منهنجي مٿان موهن ڪلپنا ۽ هرپال جو ڪافي اثر هو. هرپال ڊاڪٽر گوبندرام دادلاڻيءَ جو پٽ آهي. ڊاڪٽر دادلاڻي سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ سائين ٻيوس سان شفاخانو هلائيندو هو ۽ هت "ٻيوس دواخانو" نالي سان مشهوري شروع ڪئي هئائين. سائين ٻيوس جي نالي ڪري هرپال سان واقفيت ٿي جڏهن ٻنهي جي دوستيءَ جو روپ ورتو.

هرپال پڙهڻ ۾ هوشيار هو ۽ مان ادبي، سماجي دلچسپين ڪري پڙهڻ ۾ پورو سارو هئس. ان ڪري هرپال مونکي پڙهڻ ۾ ڪافي مدد ڪندو هو. اسان رات جو سيوا سمتي دواخاني ۾ سمهندا به هئاسين ته گڏ پڙهندا به هئاسين جو گهر ۾ پڙهڻ جون سهوليتون ڪو نه هونديون هيون.

مان موڪلن وارن ڏينهن ۾ نه پڙهڻ ڇڏي موهن ڪلپنا وٽ هليو ويندو هئس، جو هرپال کي نه وڻندو هو. هن چاهيو ٿي ته مان هڪ چتو ٿي پڙهان. موهن سان گڏ رول پين نه ڪريان ۽ مونکي موهن لاءِ موهه هو. هن جي گڏ هئڻ سان مزو ايندو هو. انهن لڪ چپ هلندي رهي. جان، ته هرپال ايس. ايس. سي. پاس ڪري بمبئي ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ هليو ويو ۽ باندرا نئشنل ڪاليج هاسٽل ۾ رهندو هو ۽ پوءِ ڪار جي رام ڪرشن مٺ هاسٽل ۾ به رهيو. مان ۽ موهن پيا رات جو ٻارهين هڪ ٻجي تائين گهمندا ڳالهيون ڪندا هئاسين.

ٻنهي کي ادب جو شوق، جڏهن اسان ٻنهي جي دوستيءَ کي پڪو ڪيائو. ٻيا هم ڪلاسي پنهنجي ڪم، پڙهڻ ڪري جدا ٿي ويا. موهن مٽائي گذاري ويو. گهنشيام بمبئي هليو ويو. باقي گدو ۽ راڄن هئا. بعد اسان فقط چار ڄڻا رهياسين.

اڄ موهن ڪلپنا ۽ لڇمڻ آهوجا گذاري ويا ۽ ٻئي هڪ ٿي مهني ۾ گذاري ويا.

هي ڪتاب ٻار پڙهن پر سمجهي نه سگهندا. اِس اهو ٻيو اچا لائين پريشان ڪندو آهي.

مون اهو ناول گهر وڃي پڙهيو، ڪتاب ڏاڍو وڻيو. سريندر ۽ مان ورِي ناول جا ٻار اچا ياد آهن. پوءِ نه ڏئن وارن جو چپال "ديوداس"، ڪهاڻيءَ جو "سدا سهاڳڻ" جنهنجي فلم ٻه اکتي هئي. هيرو هو پرٿويراج ڪپور ۽ سلوچنا هئي هيروئن (ٿازو هت ۽ اها فلم "خوشبوءِ" نالي سان اکتي آهي) "آخرين التجا". پوءِ ته اسان ٻئي شرت بابوءَ جي ناولن لي وڏهي ٻاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئاسين. اِس اٿين منهنجو ساٿيءَ سان لاڳاپو ٿيو.

ان کان اڳ ۾ ڪجهه جاسوسي ڪتاب پڙهيا هيم ۽ اسڪول جي وڪيشن واري عرصي ۾ ڳوٺ ۾ ڪيتن لي ويندو هيس ته الي "گل بڪاولي"، "چار درويش"، "ممتاز دمساز"، "حاتم طائي" ۽ ٻيا افسانا پڙهڻ لاءِ ملم. ساٿيءَ پڙهڻ ۾ رچي وڃڻدي هئي.

شرت بابوءَ جو شرڪالت ناول ظاهر ٿيو هو. رام ۽ مان شرڪالت جي ٻار اندر ناف بابت ڳالهيون ڪري هڪ ٻئي جي خيالن کان واقف ٿيندا هئاسين.

رام، شڪل شبيهه ۾ سهڻو هو، ڄڻ ڪو شهزادو. قد جو ڊگهو، بدن جو پورو سڊول، منهن ڪليل، ڇوڙي ڪوري، هُن کي ڪيتريون ڇوڪريون موهت ڪنديون هيون. سندس گهر جي اڳئين واري حصي ۾ رهندڙ هڪ مسلمان ڇوڪري لوهارڻ، هُن اکين چکن هئي ۽ گهر جي پٺيان رهندڙ هندو ڇوڪري ٻي. هُن موهت هئي. (سندس ناول هت لکان ٿو جو مان اهي ڪٿي هجن ۽ دل ۾ ڪن).

اهي ڇوڪريون ڪيس مڃاڻيون ڏيندڙيون هيون، جي اسان ٻئي

انڪري مان به سواءِ انگريزي وشيه جي ٻين ڪمن ۾ چڱيرو هوندو هوس، خاص ڪري سنڌيءَ ۾.

سڪول ۾ داخلا به ورتم ۽ شهر ۾ رهڻ جو ٿي گهر وارن ٻيو وسيلو ڪيو ۽ بازار ۾ دڪان به ورتو ويو جتي ڪپڙي جو ڌنڌو شروع ڪيو ويو.

گهر به اتي هنڌ ورتو ويو. اسان جي گهٽيءَ جي ڪنڊ کان ٻه ٻارو هڪ ٻيو ڇوڪرو به رهندو هو، جو سڪول ۾ مون کان ٽي سال مٿي پڙهندو هو. جڏهن مان صبح جو گهر مان سڪول لاءِ نڪرندو هيس ته هو سامهون گهٽيءَ جي موڙ کان نڪري سڪول ڏانهن ويندو هو.

شروع وارا ٻه چار مهينا ته پاڻ ۾ ڪو نه ڳالهايوسين. مان هن کان ٽي سال جونيئر ۽ ڳوٺاڻو، پوءِ هو مون سان ڇو ڳالهائي ۽ مان ڊپ وچان ته ڇوڪرو مون کان وڏو آهي ۽ وڌيڪ پڙهندڙ ۽ سڀ کان وڌيڪ شهري ڇوڪرو. شهرن جي سنگت ۾ ٻري خراب نه ٿيان، ان ڊپ کان ڪانئس پري رهندو هيس. پر پوءِ پاڙو ساڳيو، گهٽي ساڳي، سڪول ساڳيو. (شهر ۾ فقط هڪ اسڪول هو) آخر ڪڏهن ڳالهه. لي ٿي ڳالهائڻ ٿيو ۽ اهو ڳالهائڻ دوستي جي روپ ۾ آيو ۽ پوءِ مان ته رهندو ئي سندس گهر ۾ هوس ۽ هن سان ئي گڏ سڪول جي ڪمن / امتحان جي تياري ڪندو هوس.

ان ڇوڪري جو نالو آهي **رام**. رام نڪراڻي. هاڻ ته لنڊن ۾ رهندو آهي. پر دوستيءَ جو، پڙهندڙالپ جو رستو اڃا سوڌو قائم آهي. هن کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو. هڪ ڏينهن سندس هٿ ۾ **”وڏي دادي“** ناول شرت بابوءَ جو لکيل، جنهن آڏواڻيءَ جو ترجمو ڪيل هو. مون کانئس ڪتاب پڙهڻ لاءِ گهريو. هن ڪتاب ڏنو پر لفظي هڪ اير ۽ هدايتون ته لون

سنڌس پرسان ئي ينگ برڊرس ايسوسيئيشن جي لئبرري به کلي هئي. اتان مان ۽ رام پڙهڻ لاءِ ڪتاب وٺڻ ويندا هئاسين. انگو لنگه ويندي روم به هوندو هو. جتي مون ”بلز“ هفتيوار انگريزي اخبار به ڏٺي ايس. آر. جي. ڪراچيا جو اسالو به پڙهو.

انهيءَ روز اسان کي لئبرريءَ ۾ ايندو ويندو ڏسندو هو ۽ ڪڏهن ڳالهيون به ڪندو هيو. ساڳي عمر جا آهيون. هن هڪ ڏينهن ڪراچيءَ مان انگريزي ”انڊين ديسا“ رسالو ڏيکاريو ۽ پڙهڻ لاءِ به ڏنو. سمپادڪ هو گوبند مالهي. اُن گوبند مالهيءَ سان پوءِ ڏٺي واقفيت اتان ٿي. انهن زماني ۾ ”انڊين ديسا“ ۾ رام امرلال پنجواڻي، ليکڪ راجپال، شيخ اياز، گوبند پنجابيءَ جون رچنائون ايندڙيون هيون. انهيءَ اسان کي اهو رسالو هر مهيني گهرائي ڏيندو هو ۽ حيدرآباد سنڌ مان انگريزي ڪتاب جهڙوڪ وليم ساورڪر، چارلس، آرنيسٽ ورس ۽ ٻيا ڪتاب به گهرائي ڏنا.

اُن اهڙن رسالن ۽ ڪتابن پڙهڻ ڪري. لکڻ جو اُتساهه ٿيو. مون ڪجهه لکيو به، جو اسڪول جي پرنسپال شري جيٺمل مٽاڻيءَ ڪڏهن ٿولي ڏسي ورتو ۽ پڙهيو. هن صاحب اُتساهه ڪرڻ لاءِ موڪلي لاڙڪاڻي ۾ سائين ڪوي بيوس لاءِ چٺي لکي ڏني ته مان ساڻس وڃي گڏجان. موڪلي ٻيو اُتساهه ڪرڻ وارو هو اسانجي اسڪول جو ڊرائينگ ٽيچر محمد عالم ابڙو.

(جنهن جا فرزند ناز سنڌ وڃڻ وقت سنڌالاجيءَ ۾ ڪڏهن هئا جي اڄ جا مشهور سنڌي عالم ابڙو ليکڪ آهن.)

چٺي کڻي لاڙڪاڻي ويس ۽ سائين جن سان گڏيس، جن گوبند ڀاٽيا جو ڪتاب ”ورق“ ڏنو ته اهو پڙهان. گوبند ڀاٽيا جي ننڍين ننڍين مضمونن جو اهو مجموعو ناز اکتو هو. لاڙڪاڻي ۾

گڏجي ڪائيندا هئاسين. مان پيو انگريزي پڙهندو هيس ته هو پنجون درجو پڙهندو هو. اڄ جو مشهور ڊاڪٽر سنداڻي (جس لوڪ ۾) سنڌس هم ڪلاسي هو.

شڪارپور جو هو اندر ناڪ هو ته مان شڪارپور. رات جو ڏهه ڏهه ڏانهن ٽڪڙيون ٺهندا هئاسين ته هر محلي جي ڇنڊ لئي جدا جدا نڪاڻن ۾ وڃي ڪٺا صاحب ونندا هئاسون. شهر ۾ چوڻيون ٺهنديون هيون. پاڙي وارن گهر گهر مان ماڻهو ڪڍي رات جو پهرو ڏيڻ شروع ڪيو، اسان پڻ جي پارن ۽ گڏجي پهرو ڏيندا هئاسين. رات جو سنيما جو پنو شو ڏسي پهري لئي اچڻو هو. رات ڳالهين ۾ ئي ڪٽجي ويندي هئي ۽ آئينده جا سپنا ڏسندا هئاسين ته گڏجي هڪ فرم کوليندا سين ۽ انجو نالو هوندو

رام نارايڻ ۽ ڪمپني.

پر ورهاڱي بعد هو دهليءَ هليو ويو ۽ مان هت ايجنسيءَ ۾. هو دهلوي ۾ ويو ۽ مان ماستريءَ ۾. اهي آئينده جا سپنا، فقط سپنا ئي رهيا. نه گڏجي رهياسين ۽ نه ڪمپني کوليسين. مان ٽيس ليکڪ، هوجي آساه ڏيارڻ ۽ واه واه ڪرڻ لئي. ڪجهه سال اڳ شرت ٻاٻوءَ لئي ڪتاب لکيم. ان ۾ ته اهو ذڪر ڪيو اٿم ته هي ڪتاب رام جي آساه ڏيارڻ جو نتيجو آهي.

سچ پچ ته پروفيسر ٽيڻ هن کي ڪهندو هو، پر ٽيس مان. ڪير ڇا ٿو ٽڪجي، اهو ته ڪو ڄڻ اڳ ئي طئه ٿيل آهي.

مهيجي، سنڌي ساهتيه سان ڄاڻ سڃاڻ ۽ ترقي پسند ادب سان ڏيٺ ويٺ ڪرائي ته اها وري لکيءَ.

گهر کان اسڪول ڏانهن ويندڙ رستي لئي، سانين ولائت رام دربار جي پوسان، سڪل لالاه جي مٿان هڪ دواخانو هو. جتي انهن وقت جو لکي ۽ اڄ جو ڊاڪٽر لکميچند پنجواڻي.

وطن جي راهه ۾.....

مون ته آزاديءَ جي هلچل ۾ پنهنجو ڪجهه وقت ڏنو هو. اهو سال ١٩٤٢ هو. جون-جولاءِ ۾ سنڌ ۾ ٻوڏون آيون هيون. اسان پنهنجو ڳوٺ ڇڏي، (ڇو جو اسان جو ڳوٺ ته ٻوڏ هيٺ اچي ويو هو) ويجهي شهر قمبر ۾ آياسين.

آزاديءَ جي هلچل زور شور سان هلي رهي هئي. آگسٽ ١٩٤٢ ۾ ممبئيءَ ۾ اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو هو. ڪانگريس جي سوشلسٽ گروپ جنهن ۾ جي. پرڪاش نارائڻ، رام منوهر لوهيا، اچيوت پٽوردڻ ۽ ارونا آصف علي زير زمين ٿي ڪم هلائي رهيا هئا. اهو اثر قمبر ۾ به پيو هو. وديارٿين اسڪول جي مٿان قومي جهنڊو چاڙهڻ ٿي چاهيو، جنهن ۾ سمڪ. ماکيجا گرفتار ٿيو هو. وديارٿين ۾ ٻيا ڪم ڪندڙ هئا: ساڌو جڳياسي، هرڌو جڳياسي، منوهر سنداڻي، ٻين جا نالا ياد نه اٿم. اس مان به ان لهر کان پاڻ کي بچائي نه سگهيس - مان ٿڪو هارو نه وٺي ڪو نه سگهيس، باقي سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيس ۽ کاڌي پائڻ به شروع ڪيم.

ڇويهين جنوري، گانڌي جينتي، نهرو جنم ڏن ۽ ٻين اهڙن قومي موقعن تي صبوح جو اٿي پرڀات ڦيريءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس. ان اسٽوڊنٽس لهر ۾ ئي الي شري سخاوت چوناڻي، ڪشن دلواڻي، سرڳواسي اڌو رلواڻي (جو ان وقت لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو ۽ اڪادمي اسڪول ۾ پڙهائيندو هو). ديو سڀاڻي قمبر ۾ آيا هئا. لاڙڪاڻي جو نوڀڻ مونواڻي، گلاب ميرچنداڻي، سکر جو اڇو ليڏواڻي، ڪڪو آسراڻي واقف ٿيا. پڙهڻ جو شوق

منهنجي ماروٽ جو گهوٽ شري کوئچند ٻولچنداس ٻڙ رهندو هو (جو هاڻ لاهور ۾ رهي ٿو) انهن وري ڏاڏي ساهتيہ سان واقفيت ڪرائي ۽ هڪ ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ ٿي رهندڙ شري هري دريائي دلگير وٽ وٺي هليو. هري دلگير جو اڪيل تازو ڪتاب ”ڪوڏ“ مون دڪاهل ٻريس مان شري واڌو ڪيسواڻي وٽان ڪجهه ڏينهن اڳ ئي خريد ڪيو هو. دلگير جو گيت:

”قيدن ۾ نه قرار ٻڪيڙا، قيدن ۾ نه قرار“

ڏاڍو وڻندو هو ۽ هر وقت ٻيو گنگنائيندو هيس. منهنجي ماروٽ جي گهوٽ پڇيو، ان گيت جي شاعر سان گڏبين؟ مون هڪدم ها ڪئي. ان زماني ۾ ليکڪن لاءِ عزت، قدر ۽ شردا جان ٿان وڌيڪ هئي ۽ مان هڪ شام جو دلگير صاحب جي گهر ۾ ساٿس گڏجڻ ويس. سندس ٻئنڪ ۾ ”ڪوڏ“ ۾ ڇپيل تصويرن جا اصلوڪا چتر ٻتين ٽــي ٽنگيل هئا. جن هيٺان لکيل هو: ”لالڪي - هري“. ٻعديءَ آهي چتر سندس ٽريتتيءَ ڪيا هئا؟ دلگير ڪافي الساهت ڪيو ۽ ڏاڍي عزت ڏني. هنجو قرب مون سان اڄ سوڌو آهي. سال ١٩٤٦ ۽ سال ١٩٩٣.

سال ١٩٤٦ ۾ سانئين ٻيوس سرڳواس ٿيو. سندس ياد ۾ دڪاهل هفتيوار اخبار جو خاص پرچو ڪڍيو هو. ان پرچي ۾ منهنجو به هڪ ليک ڇپيو هو: ”ڪويءَ جي در ٿي....“

ٻس، ورهاڱي کان اڳـ. ائين منهنجي سنڌي ساهتيہ سان ڏيٺ وٺ ۽ ڄاڻ سڃاڻ ٿي. سال ١٩٤٧ ۾ ورهاڱو ٿيو ۽ سال ١٩٤٨ ۾ مان هت هندستان ۾ آيس.

جو وائيس پرزيڊنٽ هو ۽ اسڪول ميونسپل جو هو. اڪري ڪجهه ڪوڙ ٿيو نه. ٻيو ڪو وديارٿي هجي ها ته شايد ان تي قدم کڻجي ها. پر اڄ ان منهنجي من ۾ سياسي لڙڪ چوان ٿا وديارٿين جو لڙڪ چوان، من ۾ کڻجي ويٺو.

ورهاڱي بعد هندستان ۾ اٺ سالن وري ڪجهن لڙڪ ۾ خاص ڪري ڪانگريس ۾ ڪو ڦيرو ڪونه ورتو. ڪانگريس جي مسلم ليڊر ورهاڱي کان اڳ ۾ هئي نه. هاڻ ٻه آهي. هڪ طرفي پاڻي ڪيترو وقت هلي سگهندي؟ انهن سياست کان ڪناري ڪشي ٿي.

عمر ايندي، آزمودو گهٽ ۽ پوري رهنمائي نه هئڻ ڪري حالت اها ٿيندي آهي، جيڪا ان پيڙهيءَ جي، جنهن کي ڪو سڪان ڪونه آهي. پوءِ نه پيڙهي درياهه جي لهرن مطابق ٿي ٻڏي ترندي آهي. ڪشتيبان آهي سوالهون، رهبر، جو پيڙهيءَ کي واجهه ۽ سڙهه جي مدد سان وڃي ڪنهن منزل تي پهچائي ٿو.

ان ڪري جيسين ڪ آزادي ڪونه ملي هئي تيسين هر نوجوان جي منزل هئي آزاديءَ کي حاصل ڪرڻ ۽ سڪان هٿ اڳوان ڪم ڪندڙ، جنهن رهبريءَ هيٺ نوجوان پنهنجي مقصد لاءِ پيا اڳتي قدم وڌائيندا هئا. ورهاڱي بعد جڏهن منزل رهي ٿي ڪونه. آزادي ملي، پوءِ هاڻ ڇا....؟ جيڪي جهونا ڪم ڪندڙ هئا، خاص طور ڪانگريس جا. انهن مان گهڻن پنهنجا ماڻدا ورتا. ڪن کي ڪرسيون ورتان جگهيون مليون نه ڪن کي ڪي عهدا مليا نه ڪن کي ڪي ڦندا نه مليا. باقي رهيا وڃي نوجوان پوڙهيگهه يا نوجوان طبقو، جيڪو آزادي ملڻ وقت پندرهن سورهن سالن جي عمر جو هو، اهو ڇا ڪري؟

پس ان وقت ڪميونسٽ ويچار ڌارا هئي. انهن نه ڪميونسٽ جنهنڪي ٻرقي پسند ۽ سڌو ويندو هو، اها ڌارا

ھو، ان ڪري آزاديءَ جي تحريڪ سان لاڳاپو رکندڙ ساھتيہ بہ پڙھندو ھوس، جھڙوڪ: ٻمدش پپل ڪتاب ”مظلوم پارس“، ”بندي جيون“، سچندرناٿ سنيال جو لکيل ”ارطالہ کي منھنجي اپيل“، مھاتما گانڌيءَ جو ”مھاتما گانڌيءَ جي آتم - ڪٿا“، جواھرلال نھروءَ جي ”آتم - ڪٿا“ وغيرہ ڪتاب پنھنجي گھر جي ڇت تي، ڏاکڻ جي چالي ۾، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويھي پڙھندو ھوس.

سال ١٩٤٣ ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ”قيدي“ ناول بہ پڙھيم تہ پيا ڪتاب بہ پڙھندو ھوس. وديارٿي تحريڪ ۾ لکو ھرو ڀي ورتم جو سال ١٩٤٦ - ١٩٤٧ ۾ قمبر اسٽوڊنٽس ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري بہ ٿيو ھوس. ان ۾ مونکي سرڳواسي لڇمڻ آھوجا، ساڌو جڳياسي، گوبي ڪرشن ڪيولراماڻي، شوقت شيخ مدد ڪندا ھئا.

وديارٿي تحريڪ ۾ جيتي ھندو ستر اسي ھئا، اُتي مسلمان فقط ٽي چار ھئا: خالد، شوقت ۽ ابــراھيم جي شيخ ھئا ۽ سائين ولاڀيراءِ دربار اڳيان رھندا ھئا. سندن ماڻ دربار ۾ ايندي ويندي ھئي. انھن ٽنھن کي اڃا مسلمان اڌ ھندو ڪري ليکيندا ھئا. باقي مسلمان مسلم ليگ ۾ ھوندا ھئا. جيئن جيئن پاڪستان جون ڳالھيون وڌيڪ تيز ٿينديون ويون، تيئن مسلم وديارٿين جي رخ ۾ بہ فرق ايندو رھيو. وڌيڪ ھندو ٽي ديش جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڀرو وٺندا ھئا.

ياد اٿم ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ بعد اسڪول کليو ھو. اسڪول جي مسلم وديارٿين اسڪول جي اسيمبلي (گڏيل پرارٿنا) ۾ قرآن جون آيتون پڙھيون تہ ھندن مان سرڳواسي لڇمڻ آھوجا ھمت ڪري گيتا جا سلوڪ پڙھيا ھئا. لڇمڻ آھوجا جو پيءُ ميونسپل

ڪيل غلطي، اڃا ڀڳئي ڀوڳائي....

سال ١٩٤٩ هو. ان وقت الهاسنگر ۾ (انهن زماني جي ڪليان ڪئمپ ۾) فقط هڪ ئي اسڪول هو ”سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول“ موجوده ونالوڙي ريلوي اسٽيشن وٽ هو. ٻيو الهاسنگر ٻئين جي او. ٽي. سيڪشن ۾ ٻيو هاءِ اسڪول کليو، لالو هوس ڪليان ڪئمپ هاءِ اسڪول. بعد ۾ ٿي. سنڌ ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جا اسڪول شروع ٿيا، جن کي پنڊڀالي اسڪول ڪوٺيو ويندو هو. اهي اسڪول اڄ بہ موجود آهن. اهي اسڪول راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ جي ڪوشش سان شروع ٿيا.

پر مان سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول ۾ ڏهون درجو اي ڪلاس ۾ پڙهندو هيس. ڪلاس ۾ اٽڪل چاليهه وديارٿي هئاسين، جن مان اڌ يا ٿورو گهٽ ڇوڪريون هيون، باقي ودياري ڇوڪرا. اسانجي هڪ گروپ هئي. جنهن ۾ ڇهه ست ڄڻا هئاسين. ليڊر موهن ڪلپنا، راجو چاولا، گنو سامتاڻي، موهن مٽاڻي، مان (نارائڻ)، هرپال دادلاڻي ۽ گهنشام ليکراجاڻي هئا. هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن وشيہ ۾ هوشيار هو. آلجبرا جاميٽريءَ ۾ موهن مٽاڻي، گهنشيام ۽ هرپال. انگريزيءَ ۾ گنو ۽ هرپال. سنڌي ٽاريخ ۾ مان ۽ موهن. سائنس ۾ گهنشيام، هرپال ۽ موهن مٽاڻي.

سال ١٩٥٠ ۾ امتحانءَ جي ڪنهن ڪالوبدت اسڪول مان هڪ ماستر شري موهن ڇابڙيا نالي اسانجي اسڪول ۾ آيو هو. هن کي اسان جي ڪلاس ۾ انگريزي ڪونا پڙهائڻ جا پيرڊ مليا هئا. هو انگريزيءَ ۾ هوشيار هو. انگريزي ماڌيم

سنڌ ۾ سال ١٩٤٢ کان شروع ٿي، ۽ ورهاڱي بعد ڀارت ۾ به سال ١٩٦٠ تائين زور هئي. ناٽڪ کيتر ۾ اپٽا، ساهتيه کيتر ۾ ترقي پسند ليکڪ جماعت، وديارٿين ۾ وديارٿي فيڊريشن وغيره. سنڌي وديارٿي نوجوان طبقو انهن سان شامل ٿي ويو ۽ مان به ترقي پسند ليکڪ جماعت سان گڏ رهيس. ●

هيڊماسٽر ڏٺو تہ هي بنياد تہ غلط آهي، انڪري ڪنهن ماسٽر کي، جو هوشيار بہ آهي، ان کي ڪلاس ۾ نہ موڪليان. جي اها گهر ٿو مڃي تہ ماسٽر جي ٿو گهٽتائي ڪري ۽ وديارٿين جي اڻ سولائيندڙ هٿ اڳيان ٿو جهڪي. سو هيڊماسٽر اها گهر قبول نہ ڪئي ۽ اسان جي سڄي ڪلاس (چاليهہ وديارٿي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) اسڪول ڇڏي پنهنجي ڪلاس ماسٽر سان گڏ الهاسنگر ۾ ڪي جي ڪلياڻ ڪئمپ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي.

جتان ٿي پوءِ ايس. ايس. سي. امتحان سال ١٩٥١ ۾ پاس ڪري نڪتاسين.

موهن چاڀڙيا جنهنکي ڪي. سي. موهن ڪشنچند (ڪي) چاڀڙيا (سي) موهن بہ ڪري سڏيندا هئاسين. سو بہ ڪجهہ مهينن بعد اسڪول ڇڏي بمبئيءَ جي ڪنهن ڪرشچن اسڪول ۾ ويو. پوءِ آل انڊيا ريڊيو ۾ بہ آيو ۽ اسان ڇوڪرا بہ وڏا ٿياسين، ڪاليج ۾ وياسين، ليکڪ بڻياسين، محسوس ڪيوسين تہ اسان جو اسٽرائيڪ وارو قدم ڪلاس ٽيچر جي پڙڪائڻ لئي غلط قدم هو ۽ اها غلطي ستائيندي هئي خاص طور تڏهن، جڏهن موهن چاڀڙيا آمهون سامهون ايندو هو.

اسڪول ۽ ماستري ڇڏڻ بعد چاڀڙيا آڊيو ڪئسيٽ ٺاهڻ جي ڪم ۾ لڳو. پوءِ هندستان آفيس ۾ سب ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ مان هندستان اخبار جو الهاسنگر لاءِ عيوضي هوس. ان ڪري گهڻو اٿو ويٺا گڏيا هئاسين. مون ڪاڻس معافي بہ ورتي تہ اسڪول ۾ اسان کان غلطي ٿي هئي، جا اڄا سوڌو پيڙي ڀوڳائي. پر موهن کلي چوندو هو: اها عمر ئي غلطين ڪرڻ جي هوندي آهي. وري بہ شڪر جو اوهان محسوس تہ ڪيو آهي. ڪي تہ محسوس بہ نہ ڪندا آهن ۽ هاڻ جڏهن مهنجي عمر اٺهٺ سال ٿي آهي ۽ موهن چاڀڙيا بہ نہ رهيو آهي، تڏهن بہ مان پاڻ کي گنهگار محسوس ڪندو آهيان.

واري اسڪول مان آيو هو، انڪري ڪيس انگريزي پڙهائڻ جو ڏانءُ به هو. آواز سٺو هيس. سٺو ڳائيندو هو ۽ سٺي اداڪاري به ڪري سگهندو هو. يعني انگريزي ڪوتا پڙهائيندي ائڪشن به ڪندو هو. عمر جو به ننڍو هو. ڏسڻ وائسڻ جو وڻندڙ هو. ان ڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪلاس جي ودياترين ۾ مشهور به ٿي ويو ۽ پيارو به. گهڻو ڪري پنڪج ملڪ جا گيت ڳائيندو هو. ان ڪري اسان کيس پنڪج ملڪ ڪوٺيندا هئاسين، عزت وچان.

اسانجو ڪلاس ٽيچر به ڪلاس ۾ انگريزي پڙهائيندو هو. هو گرامر ۾ هوشيار هو ۽ ٽيوشن به ڏيندو هو. الائي ڇو هنکي دپ لڳو ته هي نئون ماستر اثر وجهي سندس ٽيوشن گهٽي ويندو. انڪري هنکي هٽائڻ چاهيائين. سندس اهو ارادو تڏهن وقت اسان کي معلوم ٿي ڪو نه سگهيو، ڇو جو ٻار هئاسين. هاڻ اهو سمجهي ٿا سگهون.

اسان ودياترين مٿان ڪلاس ٽيچر جو وڏو اثر هو. ايتري قدر جو اسان کيس ديوتا سمجهندا هئاسين. هنجو لفظ اسان لاءِ حڪم برابر هو.

هن چيو: هي ماستر ڪرستان اسڪول مان آيو آهي ۽ اسانجي ڪلاس ۾ ليڊيون (ڇوڪريون) آهن، انڪري هنجو ڪلاس ۾ پڙهائڻ ٺيڪ نه آهي. اسان به ها ۾ ها ملائي ۽ اسٽرائيڪ ڪئي ته هي نئون ماستر اسان کي نه گهرجي. هيڊ ماستر ودياترين کي گهرائي پڇيو ته ماستر ڇو ڪين گهرجي؟ اسان وٽ ڪو ٺوس دليل يا بنياد نه ڪو نه هو. بس، اهو ته هي ڪرستان اسڪول مان آيو آهي ۽ اسانکي ڪوتا پڙهائيندي ائڪشن ٿو ڪرائي ۽ ليڊيون ائڪشن ڪرڻ لاءِ ٻانهون مٿي ٿيون ڪن، وغيره وغيره. هي ماستر اسان کي نه گهرجي. (اهي وهنوار اسان کي ڪلاس ماستر سيکاريا هئا.)

آهيان. پس ٽيئي ڄڻا اڃا سڄو ڇڙان ڄمان کلندا، لڙ ڪڙائيندا موهن جي گهر کان بازار مان ٿيندا، موجوده الهاسنگر ريلوي اسٽيشن وٽان، جا انهن ڏينهن ۾ ڪا نه هئي ۽ ريلوي پل وارو رستو وٺي گهي سامتاڻيءَ جي گهر آياسين.

گهي انهن الهاسنگر ٽئين جي او. ٽي. سيڪشن ۾ رهندو هو. ريلوي پل جي پرسان بندي وهندي آهي، جا هاڻ به آهي، پر انهن سندس ڪنارن سان وڻ ۽ ساوڪ هئي.

مون موهن کان پڇيو، اسان شانتينڪيتن ڪيئن پهچي وياسين! انهي جواب ڏنو، سڀني ۾ - پوءِ هتي گهي جو گهر ڪٿان آيو؟ ”گهي به هاڻ شانتينڪيتن ۾ رهندو آهي“ موهن چيو، ۽ اسان لڏندا لمندا پيچرن لاءِ ٿيندا وڃي رهيا هئاسين. ماڻهو اسان کي عجب وچان ڏسي رهيا هئا ۽ اسان ماڻهن کي ڏسي ڪلي ڪلي ٽهڪ ڏيئي رهيا هئاسون. گهي کي ساڻ ڪٺي الهاسنگر ٽئين جي شيواجي چوڪ وٽ آياسين جتي راڄن چاولا گڏيو. اسان جي حالت ڏسي اچو ڏيئي چيائين: لشي ۾ آهيو، هلو پرسان واري هوٽل ۾ ويهو.

اسان سڀ هوٽل ۾ وڃي وهناسين. پوءِ جيڪو به ٿي لڳيو يا مليو، اسان انهن سان ڇرچا پئي ڪياسين. اسان سان جڏهن به موهن ڪلپنا گڏ هوندو هو، انهن جهيڙي جهڳڙي جي ڪا پرواه ڪا نه هوندي هئي ۽ پيا پنهن سان ڪوانٽس بازي ڪندا هئاسين. ڇو جو خبر هئي ته — موهن پاڻهي بچاءُ ڪندو. هو جاڏو، ڏگهو ۽ طاقتور هو، انگريزي اسٽائيڪي ڪو ڏپ ڏاءُ ڪو نه هوندو هو. پوءِ اهو شهر الهاسنگر هجي يا ماٿيران جا جهنگل هجن.

هوٽل مان ڪڏهن گهر پهتس، ياد نه ائم. پر ان بعد مهينو ڪن بيمار هيس. ان ڏينهن کان ڀنگ پيئڻ کان توبهه ڪيم. سو اڄ سوڌو وري به ڀنگ کي هٿ لاتو ائم. پر شوراريءَ لي اهو سڀ ياد ضرور ايندو آهي.

جڏهن مون توبهه ڪئي....

شورالري بندي تي يادگيرين جو سلسلو شروع ٿيندو آهي. مون ڪلپنا، سندس ڀاءُ گلو ۽ اسانجي بري حالت. ڳالهه هيءَ آهي جو جڏهن جڏهن ڪي موڪلون هونديون هيون، تڏهن اسان دوست، پوءِ ڪڏهن هرچند اجهل ته ڪڏهن ايشور آنچل يا ٻيو ڪو سڄو مون ڪلپنا جي گهر ۾.

مون تڏهن پرڀات سنيما جي پٺيان هڪ سي الملڪ ۾ رهندو هو. هاٿوڪي ميونسپل باغ جي سامهون. ڪنوارو هو. گهر ۾ ماءُ، ٻه ننڍا ڀائر گلو ۽ راجو، ٽي ننڍيون ڀينر (ٻه وڏيون جن جي اڳ ئي شادي ڪري پنهنجي ڳر گهر سان سکيون هيون) ٻس گهر ۾ ست ڀاتي، موڪلن جي ڏينهن ۾ اسان دوست، مان ۽ اجهل، مون جي گهر ۾. پنهنجي گهر جهان ٽي ماحول، چانهه ٻي، ٻيا چانهه پيئندا هئاسين.

شورالريءَ جو ڏينهن هو. گلو گهر ۾ هو. هوائين ته نوڪريءَ جي سلسلي ۾ گهٽ هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ نوڪري ڪندو هو. ٻهڳ گهوٽي رهيو هو. اڄ ڪيائين ته اسان ٻه پڪ ٻه پيئون ۽ اسان ٻئي مان، اجهل ۽ مون برابر ٻه چار پڪ ٽي پيتاسين.

منهنجي حالت بري ٿي ويئي. موڪي ان جٽن اجهل ۽ مون جي حالت جهڙي ته پوري ياد ته آهي پر پنهنجي حالت جي ڪجهه ياد اٿم. مٿو (دماغ) سڄو ٽڙندو، جو ڳالهايان اهو پورو ياد نه پوي ته ڪو هاڻ ڳالهايم يا ڪجهه. ڏينهن / منهنجا اڳ چيو هيم. اها سوچ ته جاڳ ۾ آهيان يا ڪو خواب ڏسي رهيو

خلاف نه لکندس. جو صحيح سمجهندس سو لکندس....

شري ديواچند هڪ شهاڻو شخص ۽ هڪ رچ مڙس هو، هن چيو ڀلا، اسان جي گروپ جي اميدوارن جا اشتهار نه ڇپيندين....؟ ۽ مون ها ڪئي هئي ۽ هن سڄڻ به سؤ روپيه روڪ ڏنا هئا ته مان شري پرمر لولاڻي، پرهلاد آڏواڻي، ايسر ڀارواڻي ۽ سندس اميدواريءَ بابت اشتهار ڇپيندس. هر اشتهار پنجاه روپيه ۽ مون ڇپيا.

ڪجهه مهينن بعد سينٽري ريسٽ گيسٽ هائوس ۾ پريس ڪانفرنس رکي وئي، جتي ڪانگريس جا ٻئي گروپ ٿهي ويا هئا. شري ديواچند ۽ شري ڪاڇومل آمهون سامهون هئا. انهن مون شري ديواچند کان پڇيو، توهان جو هن گروپ خلاف ٿي لکايو پئسا ڏنئي ۽ اڄ توهان ٻئي گروپ ٿهي ويا آهيو، جي مان پئسا وٺي هڪ گروپ خلاف لکان ها ته اڄ منهنجي ڪهڙي حالت ٿئي ها!

شري ديواچند ٽهڪ ڏيندي چيو، اهو تون سمجهه. اسان سياسي ماڻهو آهيون ۽ سياست ۾ ڪو به هميشه لاءِ نه دوست رهندو آهي ۽ نه دشمن.

In Politics there is no permanent foe no permanent friend.

انهن مون سمجهو ته جي عزت حاصل ڪرڻي آهي ته بي طرفدار رهڻ گهرجي.

شري ديواچند هڪ معزز شخص هو. وشواسي هو. ميونسپل مان فائدو نه ورتائين پر نقصان پاتائين. سڄو ڏينهن سماسعه ۾ رڌل ڪري ڌنڌي تي ڌيان ڪو نه ڏنائين ۽ سندس مون سان ناتو جيستائين جيئرو هو، قائم رهيو. مان به ڪيس عزت سان ڏسندو هيس ۽ آهيان. اهي سڄڻ ۽ سڄاڻ اڄ ڪٿي؟

اؤکي واٽ اخبار نويسيءَ جي....

سال ١٩٦٣ هو. مون عملي طور اخبار ڪڍڻ شروع ڪئي هئي. هفتيوار ”سنڌي ٽائيمس“. ان وقت روزاني اخبار جو سوچڻ ئي عبث هو. ڏکيو ڪم ته هفتيوار اخبار ڪڍڻ به هو. هر هفتي پريس جو بل ڏيڻ، هر هفتي اخبار لاءِ مواد لکڻ.

زباني چوڻ هڪ ڳالهه آهي، لکيت ۾ چوڻ ٻي ڳالهه آهي. زباني طور چئي انڪاري ٿي سگهجي ٿو. جي: مون ائين نه هو ائين چيو هو. توهان پورو سمجهيو ڪونه آهي - پر لکيت ۾ ڪجهه چوڻ معنيٰ پاڻ کي پابند رکڻ برابر آهي. انڪري حال في الحال نه ڏاڍو ڏکيو لڳو اخبار ڪڍڻ. پر ڪن دوستن، سائين جي سهڪار ۽ صلاح سان اخبار الهاسنگر مان ڪڍڻ لڳس.

ان وقت الهاسنگر ۾ ڪانگريس اندر ٻه گروپ هئا، شري ڪاچومل گروپ ۽ شري رلواچند سدارنگاڻي گروپ. ٻنهي ۾ ميونسپل ڪائونسل هئي، پوءِ ميونسپل جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. هڪ گروپ، ٻئي گروپ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پرچار ڪندا هئا ۽ ڪن اخبارن ۾ به اهڙا احوال ۽ ليک ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن سرڳواسي شري رلواچند سدارنگاڻيءَ پاڻ وٽ گهرايو ۽ ٻئي گروپ جي گهٽ وڌاين جو ذڪر ڪندي، چيڪ ڪندي چيائين گهٽو لکان؟ توکي ٻئي گروپ خلاف لکڻو آهي.

مون ڪلهي ڦهيندي ٺولي چيو-

”سائين، منهنجي نوڪري آهي ٽيچري روزگار آهي. هيءَ اخبار نويسي منهنجو شوق آهي، ڪو ڌنڌو ڪونه آهي، انڪري مان ڪنهن جي به، پوءِ هو ڪهڙو گروپ هجي يا توهانجي گروپ،

منهنجو هيرو ... هيرانند ڪرمچند

مون 1951 ۾ ايس. ايس. سي. (ميٽرڪ) پاس ڪئي ۽ سال ان بعد روزاني **سنسار سماچار** ۾ سب ايڊيٽر ٿي ڪم سکڻ لڳس. اخبار نويسيءَ ۾ شوق مون کي شروع کان وٺي هو. ان زماني ۾ سرگواسي هوندراج داس، مهراج پيتامبر شرما، ڪشن دلواڻي ۽ نوڀرام پٽ، اهي سڀ سنسار سماچار ۾ هئا ۽ مان ڪالمن خبرون ڏيڻ، ترجمو ڪرڻ سکندو هيس. ڪجهه عرصي بعد سنسار سماچار اخبار بند ٿي ويئي. اخبار جو گهڻو عملو روزاني **"هندستان"** ۾ آيو ۽ مان به. ڪجهه مهينن بعد "هندستان" ۾ رپورٽر طور لڳس.

منهنجو ڪم منجهند جو ٢ بجي کان شروع ٿيندو هو رات جو ٩ بجي تائين. منهنجو ڪم هو جدا جدا هنڌن تي ٿيندڙ ڪانفرنسن يا پبلڪ جلسن ۾ وڃي رپورٽ تيار ڪرڻ يعني ٻاهر Outdoor ڊيوٽي هئي. ٻي بجي آفيس ۾ اچي آيل ليٽر پڙهي ڏسي ان مطابق پروگرام وقت انوسار ٺاهي اهي ميٽر رپورٽ ڪرڻ. جي اسيمبلي اجلاس شروع هوندو هو ته اتي وڃي اتان جون خبرون ڏيندو رهيس. انهن زماني ۾ مهاراشٽر جو مکيه وزير شري مورارجي ڊيسائي هو ۽ بمبئي ڪارپوريشن جو ميئر ايس. ڪي. پاٽل هو.

ٻين اخبارن جا عيوضي به هوندا هئا. سنڌي اخبار جو عيوضي فقط مان هوندو هوس. فقط ميٽرڪ پاس ڪيل، ڪڙتو ۽ پاجامو پائيندو هوس. پيرن ۾ چمپل. ڪڏهن ڪڏهن احساس ڪمتريءَ جو احساس ٿيندو هو. اسيمبلي اجلاس هلندي وزيرن جون پريس وارن سان ڳالهيون ٿينديون

اڄ سوڊو ماڻ ان رستي لاءِ هلي رهيو آهيان. ان بعد الهاسنگر جي سياست ۾ گهٽيٽي گروپ آهن، سيتل ۽ پرهلاد گروپ، ڪانگريس ۾ گروپ.

پر اهو سبق ياد اٿم ته عزت ۽ پئسو گڏو گڏ نه هلندا آهن. ڪن پئسو ڪمايو آهي ته انهن جي عزت ڪونه آهي. جني عزت آهي اُلي پئسو ڪونه آهي.

انگريزيءَ جي پرسڌ ليکڪ ۽ اخبار نويس **ڊوم موريس** پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب 'Never at Home' ۾ ايـ ان قسم جو ذڪر ڪيو آهي ته هڪ وڏي اخبار جي مالڪ ڪيس پاڻ وٽ گهرايو ۽ رنگين اخبار ڪڍڻ لاءِ چيو.

ڪجهه ڏينهن بعد ڪيس ان وقت جي مهاراشٽر جي مکيه وزير شري انتلي خلاف لکڻ لاءِ چيو، جو هن قبول نه ڪيو. پوءِ ڪجهه وقت بعد ڪيس ڀالي لوڪريءَ کان جواب ڏنو ويو. ●

اچي ۽ کھڙي پوءِ. خبر ۾ نالن ڏيڻ جي فائدي ۾ نہ ھوندو ھو.

مونکي جڏھن ١٩٥٨ ۾ ماستري ملي تہ ھندستان اخبار جي نوڪري ڇڏيم. پوءِ بہ الھاسنگھ لاءِ عيوضي مقرر ڪيائون ۽ ان سلسلي ۾ گھر ۾ گڏيو ھو، جتي بہ ڪلاڪ ويھي سيکاريندو ۽ سمجھائيندو ھو تہ مڪاني سياست ۾ اڙڪي، نالن کان پرھيز ڪري، فقط خبر ڪيئن ڏيان. جيڪا ضروري خبر ھوندي ھئي تہ مان ڪيس رات جو گھر ۾ اھا الھاسنگھ مان ٽرنڪ ڪال تي ڏيندو ھيس ۽ ھو صاحب پاڻ اھا لکي اخبار کي فون تي ڏيندو ھو، جيئن اھا اھم خبر نڪري بہ اچي تہ اھم جاءِ تي بہ پوي.

مان شري ھيرانند مان گھڻو ڪجھہ سکيس. مذھبي اخبار نويسي جي دور جو ھيرو ھو. ھيرانند ڪرمچند اصولن جو پختو پڪو.

اندرا گانڌيءَ، ڪانگريس کي ٽوڙي، پنھنجي ڪانگريس ناھي ھئي تہ ھيرانند ان جي فائدي ۾ نہ ھو، انڪري سندس شري جئرامداس دولترام سان، جو ھو اخبار جي بورڊ جو چيئرمين ھو، متفق ٿيا. پر پوءِ بہ شري ھيرانند پنھنجي اصولن ۽ راھہ تي قائم رھيو.

سندس مون سان ناتو آخر تائين (سرگواس ٿيڻ تائين) رھيو. اخبار مان رٽائر ڪري گھر ۾ لکندو ۽ پڙھندو ھو، تڏھن بہ مان ساڻس گھر ۾ وڃي گڏيو ھيس تہ قرب سان گڏيو ھو، ھوُ سمپادڪي ليک، ڀلا ڪڏھن شخصي واد وواد جي ۽ شخصيات کان پري، پاليسي مٽر تي لکندو ھو، سندس ٻولي لوماڻيءَ واري، گنڀيرتا سان ڀرپور، ديرتائيءَ واري ھوندي ھئي. مون اھو گڻ ڪانئس سکيو. سندي ٽائيمس جا سمپادڪي ليک ڀلا شخصي واد وواد جي ھوندا آھن ڪڏھن ڪـي شخصي طور ڏکھو ڀلدرو نہ چوڻ. پـر سندس ڪارڻ ۽ پاليسيءَ ٻاٻت، سونہ ھي ان جو لاڳاپو شھر يا عوام سان ھوندو تہ لکيو،

هئون، تڏهن مان پاڻ ۾ هيڻ پاولا محسوس ڪندو هوس.

منهنجي حالت تڏهن وقت هندستان اخبار جي ايڊيٽر سرڳواسي شري هيرانند **ڪرمچند** ڪان الڪل الڳ هئي. هو مولڪي گهر گهرائي، گڏ وٺي، گهر ڪان ٻاهر يونيورسٽي باغ ڏاهن اهندي، ڪيترائون ئي ڳالهيون سمجهائيندو هو ۽ پنهنجا آزمودا ٻڌائيندو هو. اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ يونيورسٽي گارڊن جي بينچ تي ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسين. چوندو هو ته، مان ان پبلڪ جي وچ ۾ گهٽ رهڻ چاهيندو آهيان ۽ اهو اباسر ان هو، جو شري هيرانند گهڻو ڪري ڪنهن ان پبلڪ فنڪشن ۾ شرڪت ڪونه ڪندو هو.

پريس ڪانفرنس ۽ ميڙن جون خبرون منهنجون ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ڏسي انهن کي درست ڪري اخبار ۾ ڏيندو هو. ته ته اهو ڪم سرڳواسي گوردن شرما يا بلرام موٽواڻي جو هوندو هو ته مولڪي ڪم جي وراست ڪري ڏين ته مان ڪٿي وڃان ۽ اها خبر ته ڪين آڻي ڏيندو هيس. پر شري هيرانند جي مون ۾ دلچسپي هئي، ان ڪري مولڪي سيکارڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڍي اهي اخبارون پاڻ ڏسندو هو ۽ اها ئي خبر ٻئي ڏينهن لي ٻين اخبارن ڪيئن ڏني آهي، انهن کي پڙهڻ لاءِ چوندو هو ته جيئن مولڪي خبر پوي ته ساڳئي ميز جي رپورٽ مون ڪيئن ڪئي آهي ۽ ٻين ڪيئن ڏني آهي. ڪٿي ڪهڙي چيز مولڪان رهجي وئي آهي ڪڏهن سٺي لهولي خبر ڏيڻ تي شاباس به ڏيندو هو.

شري هيرانند، هڪ اسڪولي شاگرد کي جيئن سيکاريو آهي تيئن سيکاريندو هو. پا خود اها خبر پاڻ لکي ڏيکاريندو هو ته ٻهراڻ ڳالهه. ڪهڙي اچي ۽ ڪهڙي پٺرا ٻوءِ، اخبار ۾ جاءِ ٿوري آهي، خبر وڏي آهي، ڪهڙي اهم ڳالهه. آهي جا ٻهراڻ

"صاف مقصد، پڪو ارادو"

ڪجهه هفتا اڳ، "اڌ صدي ......" لکيو هيم. ڪن دوستن ڪن خطن دواران ان يادگيري "آپ بيتي" جي پسندي ظاهر ڪئي هئي. ڪن ته انهن ۾ لکيو هو ته هن ان ليک ۾ مان اُتساهه پراپتا حاصل ڪئي آهي.

ان سلسلي جي هيءَ ٻي ڪڙي "آپ بيتي" ڏيئي رهيو آهيان.

لکيو هيس. ان وقت جو نئون درجو انگريزي (هاڻ ستون درجو) پڙهندو هيس. لاڙڪاڻي جي راول ڦاٽڪ پرسان هڪ فوٽو گرافر هو. ان وقت فوٽو ڪڍائڻ ويس. هن وقت ٽاءِ ڪوٽ ۽ بنا شيشن جي عينڪ (فريم) ۾ پيل هئي. هن اهي سڀ پارائي فوٽو ڪڍيو هو. اهو فوٽو فريم ۾ پنهنجي اوطاق ۾ ٽنگي ڇڏيو هو. ڪنهن ڏينهن ڪو پڙهيل شخص اوطاق ۾ آيو هو. هن فوٽو ڏسي چيو هو ته، "هي ته ڪو پروفيسر ٿو لڳي..." اهڙي ئي قسم جا لفظ هئا. اِس اهي لفظ منهنجي دماغ ۾ گهر ڪري ويا ته مان پروفيسر ٿيندس. اهو چٽڪ مقصد هو، جنهن کي حاصل ڪرڻو هو.

ان وقت اهو خواب خيال ڪونه هو ته ديش جو ورهاڱو ٿيندو ۽ اسان سنڌ ڇڏي ممبئي ايندا سين.

ممبئي اچڻ سان پڙهڻ اڌ ۾ رهجي ويو.

مان هتي تاريخ ۲۰ جون ۱۹۴۸ ۾ پهتو هيس، ان وقت الهاسنگر ۾ (ان وقت ڪلياڻ ڪئمپ) ڪوئي اسڪول ڪونه هو. اسڪول سال ۱۹۴۹ ۾ کليو هو. اچ ج و سنڌ نئشنل هاءِ

۽ نہ ٻيا شخصي طور انسان ڪير جو ڪنهنکي ڪجهہ چئون.

دادا هيرانند پنهنجي اصولن، آدرشن تي پورو رهيو. ويندو هيس تہ الهاسنگر جو حال احوال، منهنجو شخصي حال احوال پڇندو هو. جي منجهند جو وقت هوندو هو تہ ٻارن سان ونهاري روٽي کارائي، پوءِ موڪل ڏيندو هو. ٻيا منهنجي سندس اڳيان ڪهڙي اهميت هئي؟ پر هن جا اهي وڏ ههڙا، جو هو انهي ۾ انهي شخص کي بہ عزت ڏيندو هو ۽ حال احوال پڇندو هو. ●

پي. ايڇ. ڊي. جي ڊگري وٺي پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جي سهڪار سان آر. ڪي. ساهڙيا ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم ليڪچرار ٿيس.

ايم. اي. جي ڊگري ملڻ بعد ايم. اي. پي. ايڇ. ڊي. ٿيس ۽ ڪاليج ۾ فل ٽائيم ۽ پڪو Confirm ليڪچرار ٿيس. ليڪچرار کي پروفيسر نه سڏبو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح صاف مقصد ۽ پڪي ارادي سان ليٽ پروفيسر ٿيس. پوءِ ته سال ١٩٨٥ ۾ ڪاليج ڇڏي پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي اُساه ڏيارڻ تي ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ گهڙيس پهرين ليڪچرار ٿي ۽ پوءِ ريڊر ٿي رٽائر ڪيو اٿم. هن وقت سنڌي وڀاڳ ۾ وڏو عهدو اهو ئي آهي.

تڏهن ته چوان ٿو ته جي مقصد صاف آهي ۽ ارادو پڪو آهي ته ڪاميابي ضرور ملندي. ●

اسڪول ڇڏهن وقت جيمس سائينٽسٽ. (هن وقت ولواڙي اسٽيشن) ويجهو هو. ان ۾ ١٠ درجي ۾ داخلا ورتم. مقصد اهو ئي هو ته مان پروفيسر ٿيندس. ايس. اي. ايس. (ميٽرڪ) سال ١٩٥١ ۾ پاس ڪيم. جئه هند ڪاليج بمبئيءَ ۾ داخلا به ورتم. پر فيءَ ۽ ڪتابن جا پئسا ته هيڪ طرف هو ته روزانو صبوح جو چئين بجي اٿي، بس پڪڙي، ڪليان مان لوڪل ۾ چڙهي، چرچگيٽ ويجهو جئه هند ڪاليج ۾ صبوح جو ستين بجي پهچڻو هو. گهر جون مالي حالتون اهڙيون ڪونه هيون، جو اهو خرچ ڪري سگهان ۽ ائين جئه هند ڪاليج جي پڙهائي اڌ ۾ رڪجي وئي.

بس، مان فقط ميٽرڪ پاس، پوءِ پروفيسر ڪيئن ٿيندس؟ پر مقصد پڪو هو ته پروفيسر ضرور ٿيندس، پوءِ ڪڏهن به. ڇهه سال بيروزگار رهيس. سال ١٩٥٧ ۾ وڃي نوڪري ملي ماستريءَ جي. نور و آشا جو ڪورو نظر آيو ته هاڻ وڌيڪ پڙهي سگهندس. ان وقت مدنيه پرديش جو انٽر امتحان خانگي طور ڏيئي سگهبو هو. اهو امتحان ڏنم ۽ پوءِ الهاسنگر ۾ به الهاسنگر ڪاليج (هاڻ آر. ڪي. ٽلريجا ڪاليج) کليو ۽ اسڪول ۾ شام جي شفٽ وٺي صبوح جو ڪاليج ۾ پڙهڻ ويندو هيس. هڪ طرف نوڪري، ٻئي طرف پڙهڻ، ٽئين طرف گهر وارن جو پورو سهڪار ڪونه. نڪڻ پڙهڻ جي شوق ڪري ليکڪن (موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، راجن چاولا ۽ آنچل وغيره) سان ڳالهيون، ائين زندگي هلندي رهي.

نيٺ بي. اي. پاس ڪيم. هاڻ من ۾ ڏيهل مقصد ته پروفيسر ٿيندس، وري اڀريو. سائين پروفيسر رام پنجوانيءَ جي صحبت ۾ آيم. جنهن ڊاڪٽوريٽ ڪرائي ۽ پروفيسر هيري شيوڪانيءَ اتساهه ڏياريو ته ـــ ايم. اي. ڪري ڇڏيان. مون ايم. اي.، پي. ايڇ. ڊي. ڪان پوءِ ڪئي آهي.

امتحان هئا. مون وٽ ڪنھن وشيه جو ڪتاب ڪونه هو. مان موھن وٽ ويس، ڪتاب گھريم. ھن ڪتاب ڪڍي ڏنو. جيتوڻيڪ ھن جو ٻه ساڳيو ئي امتحان هو. پر پوءِ به ھن پنھنجو ڪتاب مونکي ڪڍي ڏنو. امتحان ٿيو، مان پاس ٿيس، ھو ناپاس ٿيو. ڪتاب مونکي نه ڏيئي پاڻ پڙھي ها ته. شايد اھا وشيه ۾ ھو پاس ٿي وڃي ھا.

چيم ته، نه ھو وڏي دل وارو آھي. مھاڀارت ۾ ڪرڻ ٻڌو آھي، جنھن پنھنجو مڪلاس ڏھراڻي چمڙي جو ڪاٽ ڪڍي، ھڪ سواليءَ کي ڏنو ھو. ھن نٿي چاھيو ته سوالي ائين موٽي وڃي.

موھن مون کان پئسا وٺندو ھو، پنھنجي لاءِ نه. دوستن کي ھوٽل تي ٻاھر کارائڻ لاءِ، ڪتاب وٺي ڏيڻ لاءِ. پوءِ اھي ئي دوست، سندس قرض کڻڻ تي چٺرون ڪندا ھئا ۽ مان به انھن مان ھڪ آھيان.

ھڪ دفعي ھڪ ليکڪا، ادبي متر منڊليءَ ۾ پئي ٻڌايو ته موھن ڪالاس دھليءَ ۾ ڏھ روپيا ورتا ھئا ۽ ھاڻ موھن سندس لکڻين تي آلوچنا ڪري رھيو آھي. ان وقت سڀئي زور زور سان کليو ھو ۽ مون به کليو ھو. پر گھر اچي ان ڳالھه کي ياد ڪري، ان ڳالھه تي سوچيندي ڏاڍو رنو ھيم، ته ھن ڏھ روپيا ڇو ورتا ھئا.

مون ڇو رنو! مونکي روئڻ ڇو آيو!! ڇو جو ھو منھنجو دوست ھو. ڪيترن وقتن تي ان دوست ۽ دشمن وچ ۾ ڦڳي ڇڪتاڻ ٿيندي ھئي ته آخر ھو ڪير آھي، پر اڄ سوڌو نرڻو ڪري نه سگھيو آھيان ته ھو دوست ھيو يا دشمن.

گھران ھليو ويو ھو. پنھنجي گھران ھليو ويو ھو. پنھنجي ماءُ کان موڪلائي ويو ھو. پوءِ مان به سندس ماءُ سان جڏھنڪي اسين ھمي ڪري سڏيندا آھيون، وڃي آيو ھيس ته ھن کيس

منهنجو دوست، منهنجو دشمن!

ها، اها ٺيڪ ڳالهه آهي! جو شخص منهنجو دوست آهي، جنهن جي دک لي، وڇوڙي ۾ مون ٻار وانگر سڏڪا ڀري رنو به آهي، ته ٻاهه وانگر منجهس موه به رکيو آهي، سندس کن ڳالهين لي چڙ وچان گلا به ڪئي آهي ۽ رواڙو ڀرپٽ گهٽ وڌ به ڳالهايو آهي، اهو منهنجو دوست آهي. پر کن وقتن لي مون کيس پنهنجو دشمن ڀي سمجهيو آهي؛ سڏيو آهي، ڇو آهي. دشمن آهي جو مون سان گڏ پڙهيو آهي - گڏ رليو پليو آهي، ٽڪيو آهي. ڪلاس ۾ ساٿـي ٻنهي لي وڏي ڳالهيون ڪندي ماستر جون چڙٻون به سٺيون آهن. پوءِ بـ هو مون کان وڌيڪ مشهور آهي - وڏيءَ دل وارو آهي، سٺو دوست آهي؛ مان نـ آهيان. اڪري ئي تـ هو منهنجو دشمن آهي.

سندس مشهوري ۽ لوڪپريتا ڏسي مان سندس خامين ڏانهن ڳالهائيندڙن جو ڌيان ڇڪائيندو آهيان. کيس ساهتيه ۾ سٺو ليکڪ سڏيندي به سندس ڦڙلي گهڙيءَ لي کل اڏائيندو آهيان - ڇو جو هو منهنجو دشمن آهي.

منهنجو دشمن، ساهتيه جي ميدان ۾، منهنجو دشمن شخصيت ۾، منهنجو دشمن لـپيءَ جي سوال تـي - هو عربي لپيءَ جو حمايتي هو ۽ مان ديوناگري لپيءَ جو سمرٿڪ هوس. لپيءَ جي جنگ جي ميدان لي هڪ ٻئي جي سامهون هوندا آهيون.

آهي نـ منهنجو دشمن! پوءِ به روز نـ نـ، هڪ نـ ٻئي ڏينهن، ٻـ هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور گڏجاڻين ٻا ڌون لي ڳالهائيندا سين - ڇو....؟ خبر نـ آهي.

اهو منهنجو دوست..... منهنجو دشمن هو **موهن ڪلپنا.**

ڪيترا ماڻهو ڏٺا اٿم، جي موهن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن. اهي بنا ڄاڻ جي سندس اخلاق ۽ چرتر بابت ڏاڍي بيهوديءَ سان ڳالهائيندا آهن. مون کي اهڙن شخصن جون ڳالهيون ٻڌي کل ايندي آهي ته جن هنن کي پورو سڃاتو ئي ڪونهي، اهي ڳالهائين ائين ٿا ڄڻ هو اکين ڏٺا شاهد آهن. مون کي ڏک ٿيندو آهي. ائين ڇو؟ ڇا لاءِ جو موهن منهنجو دوست آهي.

پوءِ جو تڪرار وڌي ويو. اخبارن ۾ موهن جا ليک ديوناگري لپيءَ خلاف، ديوناگريءَ جي حمايتن خلاف ڇپيا رهيا. ديوناگريءَ جي حمايتن به جواب ۾ ليک لکيا. مون کي به چيو ويو ته ڪجهه لکان. مان موهن جون ڪمزوريون ڄاڻان ٿو. پر منهنجي اڳيان اهو ئي سوال اڀري بيٺو، جو سنڌ جي شاعر شيخ اياز اڳيان ١٩٦٥ واري هند - پاڪ جنگ وقت بيٺو هو.

”هي سنگرام!
سامهون آ
اساراڻ شيام!
هنجا منهنجا،
ڦول به ساڳيا،
ٻول به ساڳيا،
هو ڪوتا جو ڪاڪ - ڏٺي پر
منهنجا رنگ - رتول به ساڳيا
يمن به ساڳيو،
ٻيول به ساڳيو،
هانءُ به ساڳيو،
هول به ساڳيو.
هن تي ڪيئن بندوق ڪڍان مان!
هن کي ڪيئن گولي هڻان مان!

موڪل ڇو ڏاي. خبر نه آهي ته هو الائي ڪيڏانهن ويو. ڪافي وقت بيروزگار رهڻ بعد سندس من ڏاڍو وير ٿي ويو هو. سنڌي ٻه ٻچا ٿي ڪيس ته اوڪري ڇو اٺو همٿ ڪرڻ.... جيڪ اوڪري ٻيٺي هٿي جاهن پنهنجي همٿ ۾ اٿي آندي ؟ هوَ ان ٻه ٻچا ڪان بيزار ٿي گهر ڇڏي هليو ويو هو.

گوئا جي آزاديءَ جو آندولن هو، ستياگره هو. ١٥ آگسٽ چوماسي جا ڏينهن. موهن آندولن ۾ ڀاڱو وٺڻ لاءِ گوئا جي سرحد ڏي وڃي رهيو هو. منهنجي دل اڃا هٿي ٻر همٿ اٿي ٿي. زال جو موه، ماءُ جو موه، گهر جو موه اڃا ڇڏي سگهيس. موهن ويو. روز اخبارن ۾ ڳسندو هوس ته ڪٿي موهن جو نالو آهي ڇا ته هو جيل ۾ ويو يا گوليءَ جو نشان ٿيو. هڪ ڏينهن اوچتو موهن آيو. ان ستياگره تي هن ڪتاب لکيو "اچا راس باقي آ ...

موهن ڪهاڻيون لکيون. ڪالپنڪ نه، حقيقي. سندس ناولن جا پاتر، ڪهاڻين جا ڪردار خيالي نه، پر حقيقي آهن. مان انهن کي سڃاڻان ٿو، ڄاڻان ٿو. انڪري مون کي سندس ڪهاڻيون نه وڻنديون آهن. ڇو جو اهي اڳ ۾ ئي مون حقيقي روپ ۾ ڏٺيون آهن، ڳالهيون ٻڌيون آهن.

اسان شرت جون ڪهاڻيون پڙهندا آهيون، انهن جي پاترن بابت ڪلپنا ڪندا آهيون. لالو، اندرنات، شرڪانت وغيره. شرت وڻندو آهي.

موهن جون ڪهاڻيون اڃا دل جي تصوير، زندگيءَ جي ڪشمڪش، زندگيءَ جي پيار ۽ نفرت جون تصويرون آهن. مون کي نه وڻنديون آهن، ڇو جو مان اهڙيون لکي نه سگهندو آهيان - ڀلا مان پنهنجي دشمن جون لکيل ڪهاڻيون ڪيئن ٿو پسند ڪري سگهان؟

نہ، مان نہ مرندس ...

گذريل سال ١٩٩٢ جي هن مهيني ڌاري ئي منهنجو هڪ ويجهو دوست لڇمڻ آهوجا، اوچتو ئي بنا ٻڌائڻ جي دل جي اٽيڪ ڪري گذاري ويو. هو ۽ مان نه فقط سنڌ جي هڪ ڳوٺ قنبر ۾ ساڳي سڪول ۾ پڙهندا هئاسين پر هت ڪافي ويجهو آيا هئاسين. هفتي ۾ هڪ ٻه ڏينهن ضرور پاڻ ۾ گڏبا هئاسين. شهر جي مڪاني سياست بابت ڳالهيون ٿينديون هيون. سندس ديهانت کان هڪ ڏينهن اڳ، ٻئي گڏ هئاسين، سوامي شانتي پرڪاش آشرم ۾ هڪ ورڪشاپ جي سلسلي ۾ ويا هئاسين. شام جو ڇهين بجي تائين گڏ هئاسين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو معلوم ٿيو ته هو نه رهيو. ڏاڍو ڌڪو پهتو پر الائي ڪيئن صدمو سهي ويس. پر لڳو ته ڄڻڪ هلندڙ راه ۾ اڪيلو رهجي ويو آهيان. ته جون ١٩٩٢ تاريخ ١٩ رات جو ٻارهين بجي کان معلوم ٿيو ته موهن **ڪلپنا** به نه رهيو، بس پوءِ ته ڄڻڪ ٽٽي پيس.

موهن سان سال ١٩٤٨ کان وٺي رشتو هو جڏهن اسان ورهاڱي بعد هت هندستان ۾ آيا هئاسين ته اسڪول ۾ داخلا موهن وٺي ڏني، پوءِ ته آخر تائين گڏ رهياسين. وچ ۾ وڇڙندا هئاسين، وري ٺهندا هئاسين، اهو پيو سلسلو هلندو هو. اهي ٻه بنا ٻڌائڻ جي هلڻ وڃڻ تي لڳو ته مان هلي نه رهيو آهيان، پر ڄڻڪ ٿڪلي دل ۽ ڪمزوري سان ته پوءِ اهو گهڻو وقت جهلي سگهندو؟

آگسٽ / سيپٽمبر ١٩٩٢ جي ڪلڪتي ۾ شرت - ٽئگور تي سيمينار هو - مان ۽ هري موٽواڻي گڏجي ويا هئاسين.

پر ان کان اڳ ۾ موهن ۽ مان گڏجي ڪلڪتي ويا هئاسين ۽

ڪيئن ھٽان مان !!
ڪيئن ھٽان مان !!
ڪيئن ھٽان مان ..."

مان موهن کي ڪيئن قلم ڪٽان - اهو سوال منهنجي آڏو اچي بيٺو ۽ اياز بندوق ڏي ڪڍي، مون قلم ڏي ڪڍيو.

الائي ڪهڙو موڙ آيو هن ۾، جڏهن هو منهنجو دشمن ٿي آهي يا پوءِ هن ۾ منهنجو اهڙو موڙ ڇو....؟

جڏهن مان ڏاڍو خوش ٿيو هيس. جيئن ٻيڙيءَ پيا سکان جي درياه جي لهرن ۾ ڪڏهن ڪهڙي طرف ۽ ڪڏهن ڪهڙي پاسي ٻيهي ٿڪندي آهي. پر پوءِ سکان جي اچڻ سان ٻيڙي مقصد پائي ڪناري تي ڪناري سان پهچندي آهي.

موهن کي پاڻ **ڪمل** زندگيءَ جي لهرن مان ڪڏهن منزل تي آڻي ڪناري لڳايو ۽ هو پنهنجي پياري ڌيءَ **گيتا** ۽ پٽ سان سنڌي ادب جي راهه سان اڳتي وڌي رهيو هو. خوشي ٿي هيم، ڇو جو منهنجو دوست آهي - دک. انهم جو هو منهنجو دشمن آهي.

پوءِ اوچتو منهنجو دوست، منهنجو دشمن سولڪان پيا موڪلائي ويندو رهيو. اڄ ان کي پورا ٻه سال ٿي ويا آهن. (٢٠ جون ١٩٩٢ تي ديهانت). هاڻ مان ڪنهن سان دل جون ڳالهيون ڪريان؟ ڪنهن کي من جون پريشانيون ٻڌائي دل کي هلڪو ڪريان؟؟ ●

پر مان ملول گذارڻ لڳس. جڏهن واپس کي فون ڪيم ته، گهر وڃڻو آهيان دماغ ۾ اچانڪ پيئي سوچ هلي ٿي ويٺو ڪنسٽ موڪل ته مون پيءُ لکي، ته ڇهانين ڪيرٽ مون وٽ ويٺو آهي. مون ڪيرٽ کي ڇهيو، اهو ڪالهه لنڊن پهچڻ ته آيو هئين، پر اڄ مان سمجهان ٿو ته جون مهيني ڌاري مان ٻه وڃي دوستن سان گڏ هئس، گهڻو وقت لڳائيندس؟ هن روئي ۽ فون تي وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيس ۽ وري اندر وڃي ويٺي.

شايد ڪلاڪ ان بعد ڪيرٽ ۽ جنوبر آيا، موٽڪي گهر وارن اندر مان اٿاريو. هن ڪيرٽ کي ڏسي ڳالهه جهلي نه سگهيس. هن همت پڌائي، ڇي مان ٻاهتر جو آهيان لون ته ٻاهت جو ۽ ته آهين، پوءِ مان ايڪويهين صدي ڏسندس ۽ اهو پڪو ارادو اٿم. هونءَ ته لوڪي پڪو ارادو Will Power هوندو آهي پر ڳالهه ڇو ڪين؟

جڏهن گهڙيءَ ۾ همت اچي وئي ته، ته، مان نه مرندس، جيئندس. هيڏو ڪم رهيو پيو آهي، اڃا ته ڪيترا ڪتاب ڇپائڻا آهن، پٽ کي پڪي نوڪري ملي، ڌيءَ کي شادي ڪرائڻان. پوءِ سڀ ڪم پورا ٿيندا. اڌ ۾ ڪم ڇڏي وڃڻ نه. ڪمزوري آهي، جنگ جي ميدان ۾ هار ڪائڻ نه. گيدڙپڻو آهي ۽ اڄ سوڌو مون زندگيءَ ۾ هار نه کاڌي آهي جيڪو چاهيو اٿم اهو حاصل ڪيو اٿم. پوءِ هاڻ هيءَ ڪمزوري ڇو؟

چاهيم پروفيسر ٿيان، ٿيس.

چاهيم سٺي اخبار ڪڍان، اها ڪڍي پيئي.

باقي هاڻ ڪم اڌ ۾ ڇڏي وڃان؟ نه، مان نه مرندس، ايڪويهين صدي ضرور ڏسندس.

ڪنهن ڪارڻ گڏجي شانتينڪيتن ڪونہ وڃي سگهيا هئاسين. پر اها پڪ ڪئي هئيسين تہ ٻئي دفعي جڏهن ڪلڪتي اچبو تہ گڏجي شانتينڪيتن بہ اچبو. پر هن دفعي هري موٽائي تہ هو پر موهن ڪونہ هو. هنجي ڏال پڪ پوري ٿي نہ سگهي.

ڪلڪتي ۾ - سو بہ شرت ۽ ٽئگور جي سمبندار ۽ موهن بہ هجي، مان بيمار ٿي پيس، هريءَ ڪٽي ورتو. الي ٿي پارلي‍ـ پاشا ڀائون جي هڪ روم (جتي رهيل هئاسين) مون هريءَ کي ڇيو بہ، اس مان هاڻ گهڻو وقت بہ آهيان، موهن ڪوٺي رهيو آهي. اس واپس تہ آياسين ۽ مون آڪٽوبر ۱۹۹۳ ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ڪيو تہ ڪجهہ ڏينهن بعد سڀني ۾ ڏٺم تہ ٻچڙا ۽ موهن بيٺا آهن، ڇي هل تہ هلون. مون ڇيو، مونکي ڪم آهي، مان هلي نہ سگهندس. پر اهو سلسلو هلندو رهيو.

سال ٿي ويو، مئي جي ٽين تاريخ جي ڇاليءَ ۾ مونجهہ ٿي تہ هريا جو آپريشن ڪرائڻو هو. سيوا لڪيتن اسپتال ۾ آپريشن لاءِ داخل ٿيس، آپريشن ٽيبل تي آندو ويس، پر ڊاڪٽر آپريشن نہ ڪيو، چي: اوچتو ٿي اوچتو هن جو بلڊ پريشر وڌي ويو هو، هو هون نارمل هو، پر شايد آپريشن ٿيٽر ڏسي ڏهلجي ويو آهي. اڳئين آپريشن وري ڪنهن ٻئي ڏينهن ٿيندي جيسين بلڊ پريشر نارمل ٿئي ۽ دل بہ ڪمزور اٿس. خطرو آهي، آپريشن ڪرڻ ۾. سخاوت ۽ نيو انڊ وقت سر ڪٽي ورتو.

بس مهينو کن گهر ۾ رهيس، ڊاڪٽرن منع ڪئي تہ گهر کان ٻاهر نڪرندي تہ خطرو اٿيئي.

رات جو ٻہ ڏينهن جو، جڏهن بہ اکيون اچي وڃن تہ تصور ۾ ٻچڙا ۽ موهن بيٺا آهن ۽ مان روئي پوندو هيس تہ ڏيءُ پٽ اچا پڙهي رهيا آهن، مونکي بہ اجا پينشن ڪونہ ملي آهي، گهر جو گذران الائي ڪيئن پيو ڪريان - ڪجهہ ڪرسو تہ هلئون ٿا.

ناگپور ۾ نـــوَ مهينا....

سال ۱۹۵۱ ۾ ايس. ايس. سي. پاس ڪيم. جئهند ڪاليج ۾ داخلا ورتم. پهرين ٽرم جي في گهر وارن ڏني، ان شرط تي ته باقي خرچ نوڪري ڪري مان پاڻ پوريندس. ۽ ائين پڙهڻ لڳس. ڪاليج ۾ داخلا جون مهيني ۾ ورتم. ٻيو ٽرم نومبر کان شروع ٿيندو آهي. ان وچ ۾ نوڪري ڪانه ملي ۽ نه وري ڪنهن ٻئي روزگار ۾ ئي لڳم. ڪاليج جو ٻيو ٽرم شروع ٿيو، بورڊ تي لسٽ لڳي جنهن ۾ منهنجو نالو به درج ٿيل هو ته مون في نه ڀري آهي. مقرر مدي اندر في نه ڀرڻ ڪري ڪاليج مان نالو ڪٽيو ويندو.

ڪاليج صبح جو ستين لڳي ٿيندو هو. مان جڏهن الهاسنگر مان صبح جو پنجين لڳي واري بس پڪڙي، ڪلياڻ اسٽيشن تي پهچان ۽ ٽرين پڪڙي وي. ٽي. تي ساڍي ڇهين لڳي پهچان، اتان پنڌ ڪري جئهند ڪاليج چرچگيٽ تي پهچان يا دادر تي سينٽرل ريلوي جي گاڏي بدلائي ويسٽرن ريلوي تان چرچگيٽ تي پهچان، گهر مان فقط اٺ آنا ملندا هئا.

گاڏيءَ جو ڪڙتو ۽ پاجامو، پيرن ۾ چمپل. جڏهن برسات ۾ اهي ڪپڙا آلا ٿــي ويندا هئا، تڏهن انهن ئي ڪپڙن سان ڪاليج جي ڪلاس ۾ وڃي ويهندو هوس پر هر روز دير سان ٿي پهچندو هيس، ٻين وديارٿين جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي گهٽ سمجهڻ لڳس. جڏهن ٻيا وديارٿي ڪئنٽين ۾ وڃي ويهندا هئا، تڏهن مان ٻاهران ڪاريڊار ۾ بيٺو هوندو هيس يا وڌ ۾ وڌ لئبرريءَ ۾. تڏهن لئبرريءَ جو پرمک، پروفيسر چيتن مانڙيوالا

ڪيترا ماڻهو اڄ، ايڪويهين صدي ضرور ڏسندا آ. پوءِ
مان ڇو ڪين؟؟ ڇو ڪين؟؟؟

پر، شروعات مان آڙوار ڏٺهن ٿي آيو ۽ سائين ٻاٻا سان
ڳالهائي آيو. ۽ مون ٿون ڪتاب پريس ۾ ڏنو.

ٻڌندا ڪين، جو ڪلاس ۾ پاڙهيندو هوندو هو، اهو گهر ۾ چڱيءَ طرح پڙهندو هوس.

اسڪول جو پرائمري سيڪشن، انڪري ڪو هرو ڀرو ڏکيو ڪونه هو. ان سواءِ ٻارن ۽ مائٽن ۾ ماسترن لاءِ عزت ۽ قدر هو، ڇو ته اهو نه گرو آهي. جڏهن ٻار جي گهر ۾ وهاڻو وڌائي ڏني ته ماستر کي به عزت سان ڪوٺ ڪن، جيئن سنڌ جي ڳوٺن ۾ هوندو هو، انڪري عزت رهجي آئي. پر جي الهاسنگر ۾ انهن هجان ها ته ٻئي ذهن ۾ وديارٿي پڄائي ڪين ها.

اوهڻ ئي هنديءَ ۾ لکڻ به نه ايندو هو، پوري هندي به ڳالهائي ڪونه سگهندو هوس. اسڪول جي ماسترن جو ساٿ ۽ سهڪار هو، انڪري انهن به منهنجون ڪميون پيچيون ڍڪي ڇڏيون.

وري جو ناگپور ۾ رهندڙ ايسر ڪلياڻي، آسن ڪلياڻي، ديو ناڻاٽي، ڊاڪٽر گوپ چاند اول ئي واقف هئا؛ اداسي ڪيتر ڪري. انڪري انهن جو سنگ مليو ۽ اهي اپر ليول ڪلاس جا ليکيا ويندا هئا. جهڙي پڪا ۾ رهندڙ مڊل ڪلاس جا هئا. اپر مڊل ڪلاس ۾ هي رهندا به ناگپور شهر ۾ هئا، انڪري مون کي به اپر مڊل ڪلاس جو سمجهي وڏي عزت ڏيندا هئا.

پگهار هڪ سئو اٺ روپيه ۽ ڪاٺ وارو مان اڪيلو. روٽي ماروت وٺ مفت ۾ کائيندو هيس، جو هوءِ واسي به ته وڻندي هئي، باقي رهندو الڳ هوس. هڪ وديارٿيءَ جي گهر ۾ هڪ روم مسواڙ تي ورتو هيم، مسواڙ ۾ بجلي ۽ پاڻي به ڀل ته شامل هو، مسواڙ ڪل پندرهن روپيه. باقي مهني ۾ ٻيون روپيه منهنجي بلي هئا. سو پهرين ئي مهني ڪپڙا ورتم ۽ ٻه چار لوٽ ورتم- ٽي ڪپڙي پائڻ جو پيالو ته اڳ الهاسنگر/ بمبئيءَ ۾ سکيل هوس، وري جو جڏهن ڪاليج پڙهندو هيس ته سوٽ به

هوندو هو، اهو ڪجهه همٿائيندو هو. ليڪ لراسائيءَ وڃان ۽
في ا. پاس ڪري ڪاليج ٻئي ٽرم ۾ چڙهيو پيو هو.

سال ١٩٥٢ کان سال ١٩٥٦ تائين ڪي ننڍيون وڏيون
نوڪريون به ڪيم. جن ۾ سنسار سماچار ۾ سب ايڊيٽر، هندستان
۾ ريونيو آفيس. دوارڪاداس بوڪ سيلرس وٽ پروف پڙهڻ
وغيره جو به ڪم ڪيم ۽ آخر سال ١٩٥٦ ۾ بيروزگار ٿي ويس.
گهر ۾ طعنا، من پريشان هو. مدهيه پرديش ٻلاسپور رهندي آهي،
ان کي پت ڄاتو هو، جيائون اوڏاهين وڃ ۽ ان دهليءَ وڃي
ڪليم جي به جاچ ڪري اچ.

ناگپور، ٻلاسپور کان اڳ تي اچي. ناگپور ۾ مدهيه جي مارو وٽ
جو گهوٽ شري کوبچند پريداس رهندو آهي. ان ئي ورهاڱي
کان اڳ گاڏي ساهتيه سان واقفيت ڪرائي هئي ۽ لاڙڪاڻي ۾
شري هري ڏنگير سان مليو هو. سوچيم الان ئيندو پوءِ ٻلاسپور
ويندس.

ناگپور ويس. ڏياريءَ جو ڏينهن هو. شري کوبچند ڪچن
ٻلاڪن ۾ رهندو هو، ان وٽ لٿس. هن ڳالهين ڳالهين ۾ پڇيو
ته همت ماستريءَ جي نوڪري ڪندين. مون هڪدم ها ڪئي.

ڏياريءَ جون موڪلون هيون. ان وچ ۾ مان پيرط وڻان به ٿي
آيس. پيرط کي به ڪوله ٻڌايم ته کو مان ناگپور ۾ ماستري
ڪندس، ناگپور ۾ آيس. جهيري پڪا ڪالونيءَ ۾ سهالما
گاڏي هاء اسڪول جي پرائمري سيڪشن ۾ ماستري ملي.
اسڪول جو سيڪنڊري حصو شهر ۾ هلندو هو.

اسڪول ۾ پڙهائيءَ جو ماڌيم هندي ۽ مولڪي الٽري هندي
ايندي ڪوله هئي جيتوڻيڪ ڪوود پاس ڪيل هيس. پر
الهاسنگر ۾ ماڌيم سنڌي بولي، لکندڙ سنڌي بوليءَ ۾، پوءِ
هندي دواران ڪيئن پڙهايان؟ ڏکيو ڪم ٿي پيو. رات ڏينهن

ناگپور ۾ اونهاري جي وئڪيشن جولاءِ - آگسٽ ۾ ملندي آهي ۽ الهاسنگر ۾ مئي - جون ۾. ناگپور جي اسڪول ۾ وئڪيشن ختم ڪري الهاسنگر ۾ آيو هيس ۽ الهاسنگر ۾ اسڪول کليا هئا. نئون تعليمي سال اڃا شروع ٿيو هو.

ناگپور ۾ رهندي هڪ شام جو منهنجا ڪپڙا، اخبار ۾ ويڙهي صدر ڏانهن وٺي رهيو هيس، ته اڳو پوءِ ڪپڙا لانڊريءَ ۾ ڏيندو، پوءِ ڪافي هائوس ۾ ويندس. جڏهن گهر ۾ مان رهندو هيس، ان ڪري بازار وارو رستو ڏنئي، رڪشا ٽي وٺڻ لاءِ شهر ڏانهن وٺي رهيو هيس ته اسڪول ۾ پڙهائيندڙ هڪ ماستر گڏيو. جڏهن ڪپڙا ڏسي پڇيو، استري (پريس) ڪرائڻ ٿو وڃين ڇا؟ مون چيو ها، ڌوئارڻ لاءِ لانڊريءَ ۾ ڏيڻ لاءِ کڻي ٿو وڃان. هن ٻئي ڏينهن اسڪول جي ٻين ماسترن کي ٻڌايو ته هي اهڙو شاهوڪار آهي جو اڃا ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ٿو ڏي، جي جيڪر ٻيا ٻه ڏينهن اڃا پائي سگهجن.

اهو برابر هو ته مان هڪ ڏينهن کان وڌيڪ ڪپڙا نه پائيندو هيس، پر ٻيا اهو ٿي وڃو به چار ڏينهن پائيندا هئا. مان پلا اڪيلو ۽ سڄي پگهار منهنجي الي هئي، ٻيو ته ان نموني جي عادت پيل هئي. ان ڪري ڪيتريون ڳالهيون اجايون ڦليون هيون، جن مان فائدو به پيو ته نقصان به. فائدو اهو ته مان هڪ خاص شخص ليکجڻ لڳس ۽ نقصان اهو ٿيو جو ڪن جي اهڙا دشمني ۾ بدلي. ڪيترا اهڙا شخص هئا جن کي مان نه سڃاڻندو هيس ۽ نه وري ڪو لاڳاپو هو، اهي به گلا ڪندا هئا. ڪن ته منهنجي چرتر ۾ به شڪ آڻڻ شروع ڪيو. پر اهي منهنجا سنسڪار آهن يا اٿور جي مهر، جو منهنجي اک ڪڏهن به ميري نه رهي آهي. پوءِ اهي اسڪول ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون هجن يا گڏ ڪم ڪندڙ ماسترياڻيون هجن يا گڏ پڙهندڙ ڇوڪريون.

پائڻ شروع ڪيو هيم هر روز ڪپڙا بدلائيندو هيس، جيڪو اُن
جي رواج جي ابتڙ هو. يعني تہ اُتي هر شخص ساڳيو وڳو ٻ
چار ڏينهن پائيندو هو.

اُتي جا رهندڙ تہ گهر ٻار وارا هئا تنهڪري تہ ٻگهار مان سڄي
گهر جو گذر ڪرڻو هو، ان ڪري هو گهر جا ڌوتل ڪپڙ
پائيندا هئا.

مونکي جو تہ ڪو گهر هو ڪو نہ، جيڪي ڪپڙا ڌوئاريان، انڪري
ڪپڙا لانڊريءَ تان ڌوئاريندو هيس ۽ لانڊري هئي شهر ۾ صد
واري حصي ۾. تنهن اهو مشهور ٿي ويو هو تہ مونجا ڪپڙ
شهر مان ڌوپجي ايندا آهن، وري جو ڪاليج ۾ اڪيلو وڃي
جا ڪريان، انڪري شام جو (صبوح جو سڪول هو ۽ شام ج
والدو هوندو هيس) صدر ۾ انڊيا ڪافي هائوس ۾ وڃي ويهند
هيس. جتي ٤ آني ۾ ٻيڙي ۽ چئين آني ۾ ڪافيءَ جو ڪوپ
ملندو هو - اُتي ويهي ڪجهہ لکندو هيس ۽ ڪافي هائوس
ويهندي ويهندي ڪي ايندڙ واقف بہ ٿي ويا هئا ڪافي هائوس
وارو روز جو گراهڪ سمجهي سڃاڻي ويو هو ۽ عزت سان پيش
ايندو هو.

ڪافي هائوس جا ويٽر بہ عزت ڏيندا هئا. مان ٻہ ڪين
ڪڏهن ٽپ ڏيندو هيس. بس انهن ٿي مون لاءِ اهو
پرسٽ ٿي ويو تہ مان ڪو وڏو ماڻهو آهيان، جو سڃہ ٻڇہ هيس
ڪونہ پر مان ڇو چوان تہ مان وڏو ماڻهو نہ آهيان! والڪانيءَ
واري وقت ۾ لوڪ گيت بہ ڪٺا ڪندو هيس. ان سلسلي ۾
ڪجهہ ڪهاڻيون بہ لکيم، جدهن جا ٻاگر ڪاليجہ ۾ رهندڙ ٿي
هوندا هئا. مونجي ڪتابن "هوجمالو"، "مهنديءَ رتا هٿڙا"،
"سنگيت جي تان" ۾ اهي ڪهاڻيون جا ٻاگر گهڻو لٽو اڻان
جا ٿي آهن. ڪل ٩ مهنا ڪن لاڳپور ۾ رهيس.

گهڙي پل نه ساهي پٽيان....

تازو انگريزيءَ ۾ لکيل ٻه نوان ڪتاب پڙهيا اٿم. هڪ اندرا گانڌيءَ جي جيوني، پپل جئڪر جي لکيل ۽ ٻيو ڪتاب ڊوم موريس جون يادگيريون، آهن ڪتاب تي ڇپجي، نالو اٿس Never at Home

ٻنهي ڪتابن ۾ اندرا گانڌيءَ بابت لکيو ويو آهي ته هن جو جوتشين ۾ وشواس هو ۽ هوءَ انهن کان پڇا ڳاڇا پڻ ڪندي هئي. منهنجي من ۾ سوال اٿيو ته هن جي موت بابت جوتشين هن کي ڪجهه نه ٻڌايو؟

سچ پچ ته هيءَ وشيه تمام ڳوڙهي آهي ته "انسان ڪرمن جو ڦل ڀوڳي ٿو" ڪڏهن ته پنر جنم بابت به ڪي شڪ شبها پيدا آهن. هندو ڌرم ۾ پنر جنم ۾ وشواس آهي ته مسلم مذهب ۾ ڪونه آهي. ته سچ ڇا آهي، ان وشيه تي سوچيندي سوچيندي پاڻ بابت به ويچار ڪندو آهيان.

اساڻي ڪٽنب ۾ ڪنهن به مئٽرڪ پاس ڪونه ڪئي هئي. (هاڻ ته اڳ ۾) منهنجا وڏا ڀائر سنڌي ۾ چار درجا پاس ڪيل هئا. شايد گهر ۾ مان ئي پهريون شخص هوس، جنهن مئٽرڪ پاس ڪئي. ڪنهن جوتشيءَ کي هٿ ڏيکاريم. چيائين توکي وديا گهٽي لکيل ڪونه آهي. ان وقت تـــه ڪافي چڙيا ٿي هئي ۽ اڄ مان وڏي ۾ وڏي ڊگري ايم. اي. (فرسٽ ڪلاس) پي. ايڇ. ڊي. ڪئي آهي، ته ڇا جوتشي ڪوڙو هو؟ خبر نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته آدمي پنهنجي لگن ۽ محنت سان هستَ جون لڪيرون به بدلائي سگهي ٿو.

اڄ به مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ وڏيون وڏيون ڇوڪريون پڙهنديون آهن پر منهنجي من ۾ انهن لاءِ ڪا غلط ڀاونا پيدا نه ٿي آهي. اها ايشور جي مون تي مهر رهي آهي يا اڳئين جنم جو ڦل آهي.

سهڻي چيز وڻندي آهي. سهڻو گهر، سٺا ڪپڙا، سٺا ڪتاب، سهڻا ماڻهو - پر انهن لاءِ ڪڏهن ٿاٻڙيو ڪونه آهيان.

منهنجا دوست سگريٽ ڇڪيندا آهن، شراب پيئندا آهن. مان انهن سان گڏ رهيو آهيان ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن، پر مون ڪڏهن شراب نه پيتو آهي پر مون ڪڏهن چپن تي به نه رکيو آهي. ڪيئن روڪي سگهيو آهيان، اهو خود مان به سمجهي نه سگهيو آهيان. اگر چوان ته ايشور جي ڪا مهر آهي. ڪي سنسڪار آهن جن جو مون تي وڏو وڙ ٿيل آهي.

مان ان کي خراب يا سٺو نٿو سمجهان. پر مون کي نه وڻندو آهي، بس. لاڳيتو ۾ اڪيلو رهندو هيس. ڪو به جهل پل وارو ڪونه هو. پئسا به هئا. مطلب ته سڀ ڪجهه هو ۽ روڪڻ وارو به ڪونه ڪو، پوءِ به اڇوتو رهيس، ان کي ايشور جي مهر نه چوان ته ڇا چوان؟

اڄ سٺ ورهيه عمر پار ڪري چڪو آهيان. پاڻ کي اندر جي آئيني ۾ سامهون ٿو ڏسان. ٿڙڪيو ڪونه آهيان. اڄ ان تي افسوس ڪريان يا پڇتاءُ ڪريان، اهڙي ڪا ڳالهه ڪونه ڪئي اٿم.

منهنجو پتا سنت سڀاءَ جو شخص هو ۽ لاڙڪاڻي جي سوامي ڌرمداس جو هم ڪلاسي ۽ پوءِ شش ٿي رهيو هو ۽ اسان (مان ۽ منهنجا ڀائر) ان در جا ٻالهان آهيون. شايد انهن جي اها مهر هجي.

مائٽ مون لاءِ سڪول ۾ آيا هجن، پوءِ داخلا لاءِ يا ٻي ڪا خبر چار لهڻ خاطر. شهر ۾ هڪ ڪپڙي جو دڪان هو. زمينون هيون ئي. ڪپڙي جو دڪان فقط ٺٺڪ طور ڪم ايندو هو، جيئن ڪو مٽ مائٽ آيو ويو اچي ويهي. سنڌ ۾ مڙد گهڻو ڪري گهرن ۾ نه ويهندا هئا. صبح جو سويل گهر کان نڪرندا هئا ۽ رات جو گهر ۾ ايندا هئا.

مولڪي سڪول ۾ في پارٽ هڪ ڏکي لڳندي هئي.. ڪڏهن ڪڏهن نه في وقت سر نه آٺين پارٽ يا پارٽ لئي ٽي پيرون يا وڌيڪ پنج لئي ٻيهڻو پوندو هو سزا طور. انهن ڏينهن اسان وٽ هو هڪ سڀ ڪجهه.

گهر ۾ بجلي ڪونه هئي. ڪوڙي تيل جي ڏيئي يا گاسليٽ جي چمنيءَ اڳي پڙهندو هيس. پر پڙهڻ جو شوق هو، انڪري ڪلاس ۾ اول نمبر ايندو هوس.

اهو سڀ چئو ٿيو- نه ڇا نصيب آهي يا ڪرمن جو ڦل آهي جو مولڪي حالتن ناساز هوندي به پڙهڻ ڏيندا هيون ۽ انهن ورهاڱو ٿيو. ڀارت ۾ اچڻ سان مون پڙهڻ جو ويچار ظاهر ڪيو ۽ گهر وارن گهر گذر لاءِ گهوڙو هلائڻ لاءِ چيو، نه ته زال کي وٺي وڃي ڌار رهڻ جي ڌمڪي ڏني. پر پوءِ به مان پڙهيس.

هڪ طرف هيءَ حالت هئي، ٻئي طرف ڪٿي گهر جا وڏا ٻار اسڪول ڇڏي، پورهيا ڪري، پنهنجي ٻارن کي پڙهائڻ چاهيندا هئا ۽ آهن. پوءِ مون سان مائٽن جو هي ورتاءُ ڇو؟ لڳندو هيم ته شايد مان اڪيلو آهيان يا ڪٿان وستي کان لهي آيا اٿم، ته نه مائٽ پنهنجي ٻارن سان اهڙو ورتاءُ ڇو ڪن.

هت ڀارت ۾ هڪ اسڪول ۾ داخلا لاءِ مائٽن (ٻه وڏا ڀائر) مان ڪونه ڪونه هليو. موهن ڪلپنا اڳ ۾ ئي سڪول ۾ پڙهندو هو. ان هلي منهنجو نالو سنڌ نئشنل هاءِ سڪول وٺلوازي ۾

پيو سگهي ٿو. امتحان لي آهي. ڪي شخص جاني جسم کان سگهي رهندا آهن. ڪجهه نه هوندي به ۽ ڪي شخص دليوي طور سڀ ڪجهه هوندي به لنگهه رهندا آهن. انهن جو....؟

اسان سنڌ ۾ زميندار هئاسين. گهر ڳوٺڙي ۾ هو. گهر جي پويان اناج جا گدام هئا، جي پڪل هوندا هئا. پر پوءِ به مونهنجي هٿ ۾ ڪڏهن روڪ پئسا نه رهيا. گدام جي در جي وچوني مان اُن (ساريون) ڪڍي، جهول ڀري، دڪاندار کي وڃي ڏيندو هوس. هو پائي (ڪاٺ جو ماپو، پائي، ٽوپو وغيره) ۾ وجهي روڪ پئسا نه ڏيندو هو، پر ڪا شيءِ. پوءِ اهي ڪنهن پگڙا هجن يا ڪتل يا ٻي ڪا شيءِ. ۽ مواسکي اهائي شيءِ وٺڻي پوندي هئي، جا ان جي دڪان تي هوندي هئي. روڪ پئسا ڪونه هئا، جو پنهنجي چاهنا مطابق ڪا شيءِ خريد ڪري سگهان. سڪول ۾ ويندو هيس ته به پيرن اگهاڙو. مهينن جا مهينا اپلاز ڪرڻ بعد وڃي ڪو بوٽ ملندو هو، نه ته سنڌ جي اونهاري جي تتل ڌرتيءَ تي پيرن اگهاڙو سڪول وڃڻ وقت به ڊڪندو ويندو هوس، جيئن پير وڌيڪ نه سڙن.

انهن جو....؟ جڏهن زميندار به هئاسين ته پوءِ مون سان اها حالت ڇو هئي؟ ان سوال جو جواب اڄا سوڌو مونهنجي من کي نه مليو آهي. پرائمري سڪول ۾ چوٿون درجو پاس ڪيم. ته وڌيڪ نه پڙهان ڇي: پڙهي ڇا ڪندين؟ پيون سنڀاليون آهن. ايترو پڙهڻ ڪافي آهي. هاڻ هٿڪي (هٿ واڻڪا) اگر سگهي ڪم ڪار کي لڳ. عمر ڪهڙي؟ ڏهه يا ٻارهن سال ۽ اُن ئي عمر ۾ مائٽن شادي ڪرائي ڇڏي ۽ مان به ڏاڍو خوش هيس جو ورهين بعد اڻون لعل جو ڳاڙهو بوٽ مليو هو.

سون آئي. ڳوٺ مان اٿي شهر ۾ آياسين ۽ مان سڪول ۾ داخل ٿيس. مونکي اڄ سوڌو ياد نه آهي ته ڪڏهن ڪو مونهنجا

جو چاهيو، سو مليو، پر ....

شايد سال ۱۹۴۵ هو. لاڙڪاڻي جي رائل ٽاڪيز جي ڀرسان هڪ فوٽوگرافر هوندو هو. ان وٽان فوٽو ڪڍايو هيم. فوٽوگرافر وٽ ڪيترا شيشن جي عينڪ (فقط فريم)، ڪوٽ ۽ ٽاءِ پيل هوندي هئي، هن اها پارائي فوٽو ڪڍيو هو. مون وٽ. فوٽو شيشي ۾ مڙهائي پنهنجي اوطاق ۾ لڳائي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن هڪ شخص شايد اسانجي ڏيهه جو اميدوار هو، اوطاق ۾ آيو ۽ فوٽو ڏسي چيائين، ”هي ته ڪو پروفيسر ٿو لڳي“. مان به اوطاق ۾ ويٺو هوس، ته منهنجي پاڻ - ”هي ته اڃا پڙهندو آهي“ مون ڏانهن اشارو ڪري چيس.

”... ته پڙهي پروفيسر ٿيندو“ اميدوار، ديوان واجهول چيو.

۽ مون من ۾ پڪو فيصلو ڪيو ته مان پروفيسر ٿيندس. ان وقت مان ٻيو يا ٽيون درجو (هاڻوڪو ڇهون ستون درجو) پڙهندو هيس.

جلد ئي ورهاڱو ٿيو (سال ۱۹۴۷ ۾) ۽ اسان سال ۱۹۴۸ جي جون مهيني ۾ بمبئي جي ڊڪ تي لهي ان وقت ڪلياڻ ڪئمپ (هاڻ الهاسنگر) ۾ آياسين. اسڪول ڪونه هئا. ۱۹۴۹ ڌاري ولڌواڙي ڀرسان سنڌ نيشنل هاءِ اسڪول کليو. مون هن ڪلاس ۾ داخلا ورتي ۽ مون پڙهڻ شروع ڪيو.

۱۹۵۱ ۾ مئٽرڪ (ايس. ايس. سي.) پاس ڪري ۱۹۵۲ ۾ جئه هند ڪاليج ۾ داخل ٿيس. جئه هند ڪاليج ايلفنسٽن ڪاليج جون حدون ڇڏي چرچگيٽ وٽ پنهنجي نئين عمارت ۾ آيو هو. پهرين ٽرم جي في ته ٻارهن ۽ ٻئي ٽرم جي في ته هئي

هلي داخل ڪرايو. ٽائين درجي ۾ ٽي ڪلاس هئا. اي، بي، سي، سوهن اي ڪلاس ۾ هو. مونکي به پاڻ سان گڏ اي ڪلاس ۾ ويهارڻ لڳا. ا. ڌ. نئون آيل وديارٿي سي ڪلاس ۾ داخل ٿئي ها.

ڪتاب ڪونه، اسڪول جي في ڪونه، پورا ڪپڙا ڪونه (ان زماني ۾ به يونيفارم هوندو هو ۽ نه اڄ جيان اي. او. بي. سي.) ٽيوشن وٺڻ جو ته سوال ئي ڪونه هو. ايس. ايس. سي. پاس ڪيم.

ايس. ايس. سي. پاس ڪرڻ بعد ڪجهه عرصو ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيم. هڪ سال ١٩٥٦ ۾ ناگپور جي جهري پٽڪا جي مهاتما گانڌي اسڪول ۾ ماستري به ڪيم. سال ١٩٥٧-٥٨ ۾ الهاسنگر ۾ ماستريءَ جي پڪي نوڪري ڪيم. ويندي ١٩٧٨ تائين پورا ويهه ايڪويهه سال. ڪڏهن ته پڇان ٿو ته ائين ڇو؟

ڪي، ڪجهه نه هوندي به سڀ ڪجهه هوندا آهن ته ڪي سڀ ڪجهه هوندي به ڪجهه نه هوندا آهن. ڪهڙو ڪارڻ آهي، ڇا اڳين ڪرمن جو ڦل آهي يا نصيب جي ڳالهه آهي. اهڙا جواب ڪونه مليو آهي پنهنجو پاڻ وٽان يا ٻئي ڪنهن وٽان. اڄ سٺ سال زندگيءَ جا پورا ڪري رٽائر ڪري اهو سڀ سوچي رهيو آهيان. هيڏي ساري عمر هڪ ڏاند وانگر گهاڻي جي چڪر ۾ پئي ڦريو آهيان، اڄ گهاڻي مان نڪري؟ ڪجهه ساهي پٽي سوچي رهيو آهيان.

هفتيوار "سنڌي ٽائيمس" اخبار ڪڍي هئي، جو مون سال ١٩٦٣ ۾ ڪڍڻي ۽ اڄ سوڌو هلائيندو پيو اچان، نوڪري (ماستري) ڪندو هيس ته پڙهندو به هيس ۽ هفتيوار اخبار به، هلائيندو رهيس. اڄ اخبار کي هلائيندي پنجهه سال ٿيندا.

اٽڪل نوي کن ڪتاب ڇپايا ويا آهن. اخبار ڪڍڻ چاهيم، اها چاهنا به پوري ٿي. تڏهن ته چوان ٿو ته جو چاهيم، سو مليو پر ڪافي ڏکڻ ڏاکڙن بعد. پر هڪ ڳالهه سکيو آهيان ته، جتي پڪو ارادو آهي اتي مقصد ملي ٿو. باقي وچ جا ڏولاوا ڪير ڳڻي؟

هاڻ "سنڌي ٽائيمس" کي سٺي معيار واري روزاني اخبار ٿو ڪرڻ چاهيان. ڪڏهن....؟ ●

ڪري ڪاليج ڇڏڻو پيو.

پوءِ الائي ڪيئن ٽڪندي رلندي سال ۱۹۷۴ ۾ بي. اي. پاس ڪئي، ۱۹۷۷ ۾ بي. ايڊ. ڊي. ڪري ۱۹۷۸ ۾ ايم. اي. ڪيم ۽ سال ۱۹۷۹ ۾ آر. ڪي. ٽنڊيا ڪاليج ۾ ليڪچرار (جنهن کي عام طور پروفيسر سڏبو ويندو آهي) ٿيس. اهو سچو عرصو پروفيسر ٿيڻ جي چاهنا ڪونه ڇڏي هيم.

سال ۱۹۸۵ ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ ۾ پهريان ليڪچرار ٿيس ۽ پوءِ ريڊر ۽ وڀاڳ جو پرمک بڻيس. ۱۹۹۲ ۾ ست سالن ۾ رٽائر ڪيم. اهڙيءَ طرح جو چاهيو سو مليو پر ڪافي ڏکن ڏاکڙن بعد.

سنڌ ۾ ٿي هيس جو ننڍپڻ ۾ پڙهندو هيس. الي مون کان سينئر شري سندر ماکيجا (سرواڻي) ”آزادي“ نالي هفتيوار اخبار (جا هاڻ الهاسنگر مان روزاني ٿي نڪرندي آهي) سال ۱۹۴۵ ۾ شروع ڪئي هئي. مان گهر کان اسڪول ويندي ان اخبار جي آفيس وٽان لنگهندو هيس ۽ من ئي من ۾ چاهيندو هيس ته مان به وڏو ٿي هڪ سٺي اخبار ڪڍندس.

خبر نه آهي ته ڇو ننڍپڻ کان ئي اخبارن لاءِ چاهه ۽ لاڙو هوندو آهي. ننڍپڻ ۾ ٽنڊن شري لکي (ڊاڪٽر لکمي چند پنجواڻي جو هاڻ الور ۾ رهندو آهي) پنهنجي پيٽواڻي جي اسپتال هلائيندو هو، هنجو ته اخبارن ۽ ڪتابن ۾ چاهه هو. هن جي سنگ ۾ اخبارن ۽ ڪتابن ۾ وڌيڪ لاڙو ٿيو ۽ ورهاڱي بعد سال ۱۹۵۰ ڌاري ”وديارٿي“ نالي اخبار جو سمپادڪ ٿيس پر پوءِ سال ۱۹۵۱ ۾ مئٽرڪ جي پريلمري امتحان اچڻ ڪري اخبار بند ڪرڻي پئجي. ته ته پڙهائيءَ لي ئي اثر پيو، پر اخبار ڪڍڻ جو شوق قائم رهيو.

شاباس آهي شري هري موٽواڻيءَ کي جنهن سال ۱۹۶۳ ۾

سنڌ ڇڏي هت هندستان ۾ لڏ لاڻ ڪئي ۽ پهرين جون ١٩٤٨ تي بمبئي ڊڪي تي پهتاسين ۽ ان وقت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي گهر ڪيوسين. وري پڙهڻ ۾ رنڊڪ پيئي. مائٽ چاهين پيا ته مان به ٻين ڇوڪرن جيان گاڏيءَ ۾ ڪٽمٺڙا يا ٻيو سامان وڪڻي گهر خرچ ۾ مدد ڪريان، پر منهنجي مرضي پڙهڻ جي هئي. سال ١٩٤٨ به ائين پڙهڻ جي گذري ويو. انهن ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ڪوبه اسڪول نه کليو هو.

سال ١٩٤٩ ۾ هاٿوڪي ونلوازي انهن جي جيمس سائيڊنگ وٽ سنڌ نيشنل هاءِ اسڪول کليو. اتي موهن ڪلپنا جي ڪوشش سان داخلا ملي سو به ٽئين درجي ۾ تعليم وڃڻ پڄون (هاٿوڪو ڇائون درجو) نه پڙهيم. ١٩٤٩ - ١٩٥٠ ۾ ڏهون (ڇهون) ۽ سال ١٩٥١ ۾ ٻارهون (ستون) درجو پاس ڪيم. بس، وري پڙهڻ ۾ رڪاوٽ.

ڪلياڻ ڪئمپ جو پوءِ الهاسنگر ٿيو. اتي ڪاليج کوليو هو. ڪاليج تعليم لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو هو. سو مائٽن جي مرضي ۽ نه پئسا. پر انهن نه داخلا في ۽ ٽرم جي في پنهنجي وڏي ڀيڻ کان اڌاري وٺي بمبئي جي جئه هند ڪاليج ۾ داخلا ورتم. ڪاليج جي نئين عمارت چرچگيٽ وٽ ان سال ٺهي تيار ٿي هئي. ان کان اڳ ڪاليج الفنسٽن ڪاليج (ڪالا گهوڙا) بلڊنگ ۾ هلندو هو.

اِي ٽرم جي في نه ڀري سگهڻ ڪري ڪاليج نه ڇڏڻو پيو. وري پڙهائي انهن شروع ٿي جڏهن الهاسنگر ۾ موجوده آر. ڪي. تلريجا ڪاليج شروع ٿيو. سال ١٩٧٤ ۾ پونا يونيورسٽيءَ جي بي. اي. سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيم. (انهن ڪاليج پونا يونيورسٽيءَ سان شامل هو) ١٩٥٢ ۾ ڪاليج ڇڏيم ۽ ٻه سال پوءِ بي. اي. پاس ڪيم. ماستري نه ڪندو رهيس. مائٽن کان الڳ ٿي موجوده گهر هيرا سوسائٽيءَ ۾ ڌار ۽ ٻن ٻارن (ڌيءَ ۽ پٽ) سان گڏ رهندو هوس.

هيءَ ڪنهنجي جوڙ...

الائي ڇو، مونکي ڪاميابي جلد نه ملندي آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي جاکوڙ ۽ انتظاري ڪرڻي پوندي آهي. جڏهن ته ان قسم جي ڪاميابي ٻين کي پوري ڪوشش ڪرڻ سان ملندي آهي. پوءِ اها نوڪري هجي يا ڪنهن ٻئي قسم جي سهوليت.

ياد ٿو اچي مونکي وڌيڪ پڙهڻ جو شوق هو. ڳوٺ ۾ رهندو هوس، اتي انگريزي اسڪول ڪونه هو. مائٽن پرسان واري شهر ۾ پڙهڻ لاءِ موڪلڻ نٿي چاهيو. جيتوڻيڪ موڪلي سگهن ها ۽ کين ڪا به تڪليف به ڪونه ٿئي ها. پر انهن نه نيو ۽ مان ڳوٺ واري پرائمري اسڪول ۾ چوٿون درجو پاس ڪري پنجين درجي ۾ داخلا ورتي، شايد اهو سال ١٩٤٢ جو هو. سنڌ ۾ ٻوڏون آيون ۽ اسانجي ڳوٺ ۾ به ٻوڏ جو خطرو هو (پوءِ ٻڏي ويو) اسان ڳوٺ ڇڏي پرسان واري شهر قمبر ۾ آيا هئاسين.

اتي اهو سال به ٻوڏ جي ڪري ۽ قومي هلچل (ڪئٽ انڊيا هلچل) ڪري اسڪول به ڇڱو وقت بند رهيو ۽ منهنجو اهو سال اجايو ويو. سال ١٩٤٤ ۾ پهرين انگريزيءَ ۾ داخلا ورتم ڇو جو اسان ان شهر قمبر ۾ رهڻ لڳا هئاسين.

سال ١٩٤٤ ۾ داخلا ورتم. ١٩٤٥ ۾ پهريون درجو (هاڻوڪو پنجون درجو) پاس ڪيم ۽ ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيس. ١٩٤٦ ۾ ٻيون درجو، ١٩٤٧ ۾ ٽيون درجو ۽ ١٩٤٨ جي مارچ ۾ چوٿون (هاڻوڪو اٺون) درجو پاس ڪري مئيءَ مهيني ۾ ورهاڱي ڪري

مٺي منهنجي ملڪ جي....

اڳوڻو چوٿون درجو (هاڻوڪو اٺون درجو) پاس ڪري پنجين ۾ داخلا ورتي هيم. اهو سال ١٩٤٨ هو. سنڌ ۾ تعليمي سال اپريل کان شروع ٿيندو هو. اونهاري جي وڪيشن جولاءِ- آگسٽ ۾ ملندي هئي. سنڌ ۾ چوماسو ڪونه ٿيندو آهي، اٽلي جولاءِ - آگسٽ ۾ زبردست گرمي ٿيندي آهي. انڪري اسڪولن کي اونهاري جي وڪيشن انهن مهينن ۾ ملندي هئي.

سال ١٩٤٧ جي آگسٽ ۾ پاڪستان ٺهي چڪو هو. آگسٽ ۾ جيئن اسڪول کي وڪيشن هئي ان ڪري جهنڊي جي سلامي اسڪول ۾ ڪونه ٿي سگهي هئي.

اونهاري جي وڪيشن بعد اسڪول کليو. انهين ٽرم ۾ ٻه چار نوان ماستر آيا هئا، جي ورهاڱي بعد هندستان جي جدا جدا هنڌن کان آيل هئا. هڪ بهاري هو ته ٻيو يو. پي. جو چغتائي هو ته ٽيون ته شاهد يو. پي. جو هو. انهن مان هڪ وڪالت پاس ڪيل هو ته ٻيو بهار جي ڪاليج ۾ پڙهائيندو هو ته ٽيون فقط مئٽرڪ پاس ڪيل هو. بس انهن اسڪول جي هندو وديارٿين ۾ به ڦڙ ڦوٽ پيل هئي. ٻاهران آيل ٽي غير- سنڌي ماستر انگريزي مئٽس پڙهائيندا هئا. ڇو جو ٻيا ڪم سنڌيءَ ۾ پڙهايا ويندا هئا ان ڪري اهي غير سنڌي ماستر اهي ڪم ڪونه پڙهائيندا هئا.

سال ١٩٤٨ جي مئي مهيني ۾ اسڪول مان، اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ ورتم. اٺون پڙهندڙ، مئي مهيني جي آخرين هفتي لاڙڪاڻي کان ڪراچي آياسين ته، جتان ٻاٽيءَ جي جهاز

پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ خود ٿيس تہ وڌيڪ پڙهڻ کي لڳي ويس. اي. اي. ڪالپوءِ پي. ايڇ. ڊي. سال ١٩٧٧ ۾ ڪيم ۽ ايم. اي. سال ١٩٧٩ ۾ ۽ سال ١٩٧٨ ۾ الهاسنگر جي آر. ڪي. ٽلريجا ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيس. اها نوڪري بہ ڪو سولو ڪونہ ملي. ان جو بہ هڪ الهاس آهي. جڏهن ڪ ٻين کي اها نوڪري بہ بلڪل سهنجائيءَ سان پئي ملي آهي. اصل گهر وٽي. ان ڪري تہ چوان ٿو تہ مونکي هر ڪاميابي ڏاڍي ڏکيائي بعد ملندي آهي.

ڇهہ سال ڪاليج ۾ ليڪچرار رهيس. سال ١٩٨٥ ۾ پوءِ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي الهاس ۽ سهڪار سان بمبئي يونيورسٽي جي سنڌي وڀاڳ ۾ ليڪچرار ٿي گهڙيس ۽ سال ١٩٩٢ ۾ الان ريڊر ۽ وڀاڳ پرمک طور رٽائرڊ ڪيم. پر اهو سڄو عرصو ڪشمڪش وارو گذريو. زندگيءَ جي ان ڏاڪڻ جي هر ڏاڪي لاءِ جهد وجهد ڪرڻي پئي آهي. ●

ڇا ان دعوت جو به اهڙو حشر ٿيندو جهڙو ٻين دعوتن جو ٿيو هو؟ اهو سوال هر هر دل ۾ ٿي آيو. پر دعوت جي جواب هاڪار ڪرڻ ۾ به نقصان ڪهڙو آهي؟ اهو سوچي هاڪار لکي موڪليم ۽ خاطر جمع ڪري ويٺس ته بس، ٿيو ڀلو. پر مهيني بعد وري ٻيو خط آيو ته توهان کي جلد ٿي ٽڪيٽ موڪلي ويندي. تنهن دل ۾ آيو ته همت ضرور ڪجهه ٿيڻو آهي، پنهنجي بزرگ دوست گوبند مالهيءَ سان ڳالهه ڪيم جنهن ٻڌايو ته ڪيس به اهڙا خط آيل آهن ۽ هن به هاڪار جو جواب ڏنو آهي. جي ٽڪيٽ آئي ته وياسين نه ته شڪر، نه ته به جهڙا آهيون تهڙا ته هونداسين. من سچپچ ۾ ٿي سنڌ گهمي ايندا سين.

مون ان آيل ٻئي خط جو به جواب هاڪار ۾ ڏنو.

ٻن هفتن بعد تار آئي ته پهچڻ جي ڄاڻ ڏيان ته ڪڏهن ٿو ڪراچيءَ پهچان، ٽڪيٽ رواني ڪئي ويئي آهي. گوبند مالهيءَ کي به اهڙي تار آيل هئي. بس هاڻ - هڪ مان ٻه ٿياسين - تاريخ ٢٥ نومبر تي وڃڻو هو.

ويهين نومبر سومر ڏينهن مالهي صاحب پاسپورٽ جو نمبر ۽ نڪرڻ جي تاريخ فون تي ٻڌي، ڇو جو ڪراچيءَ مان فون رستي اهي تفصيل ڪالهه گهريا ويا هئا، اهي ڏنم. ٻڌر تاريخ ٢٢ نومبر تي ٽڪيٽ اچي وئي باقي ويزا جو ڇا ٿيندو؟ هن سوڏو بعدي ٽڪيٽ اچڻ کان اڳم ته جٽڪ پڪ ٿي ڪو نه هئي ته ڪو وڃڻو به آهي، سمجهيوسين ته اهي سڀ ڳالهيون آهن.

ويسپت صبح جو مالهي صاحب جي ڪڪي پنهنجا صبح واري گاڏيءَ ۾ دهليءَ رواني ٿي ويئي. ان سچي وقت ۾ دوست هري موٽواڻيءَ اٿري مدد ڪئي جٽڪ ڪيس سنڌ وڃڻو هو ۽ نه اسان کي. مان نه بس اهو ٿي پڇي واٺو هوس مان نه وڃي

رستي بمبئي اچون ۽ مهني بعد تاريخ ٢٠ جون ١٩٤٨ع بمبئي
دکي ٿي پهتاسين. ٻئو مهنو ڪراچيءَ جي سوامي نارائڻ
مندر ۾ رهياسين.

مان سال ١٩٣٢ جي آڪٽوبر مهني ۾ ڄائو آهيان. سال ١٩٤٧ جي جون مهني ۾ سنڌ جي زمين ڇڏيم. بعد ۾ انڪل سورهن سالن جو هوس. وري سنڌ ڏسڻ جو موقعو سال ١٩٨٩ بعدي ٻارن ايڪتاليهن سالن بعد پرڏيهي ملڪ جي مٽي ڇهڻ جو موقعو آيو.

ٻڌڻ ته وشواس ئي ڪونه ٿي آيو ته مان سنڌ وڃي رهيو آهيان - ڳالهه هيئن آهي:

سچل ڪانفرنس جي ڪوٺ آئي - هن ڪان اڳ ۾ شاه لطيف جي سيمينار جي ٻه ڪوٺ آيل هئي ته ساهي سيمينار لاءِ ٻه سڏ ئيو هو، پر فقط ڪوٺ جي وڏائي ڪجهه ڪونه ٿيو.

پر سچل ڪانفرنس جي ڪوٺ قبول ڪرڻ بعد وري ٿيو خط آيو ته جهاز جي نڪمت روانو ڪئي ويندي.

پاسپورٽ اول ئي ٺهرايل هو ته ڪڏهن به ڪڏهن ڏيهان ضرور سنڌ ويندس. هڪ مدو ته پاسپورٽ جو پورو به ٿي ويو هو. وري ڪڍايو هوم. ان ئي آسري ته - من ڪڏهن ڏيهان سنڌ وڃان.

ليڪ اهو ڏيهان ٻه اچي ويو - پر اهو ڏيهان به ڏاڍن ناز نخرن سان آيو. وڃڻ واري تاريخ کان انڪل ٻه اڍائي مهنا اڳ سنڌيءَ ۾ نائيب ٿيل ڪوٺ آئي ته ڪراچيءَ ۾ سچل ڪانفرنس ٿي رهي آهي، لوهاڻڪي قربانئي ڪوٺ آهي ته اچي ان ۾ شرڪت ڪيو. هن کان اڳ ۾ به اهڙا ٻه دعوت ناما پهتل هئا. هڪ ڪراچيءَ ۾ ئي شاه لطيف سيمينار جو ته ٻيو شڪارپور ۾ سامي سيمينار جو. انهن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ قبوليت ته موڪلي هئيسين پر ان جو وري سڏ ڪوٺ ڪونه آيو هو. هيءَ ٽيون دفعو هو جو دعوت نامو آيو هو ۽ سچل ڪانفرنس جو.

پهريون ئي دفعو ڪري رهيو هوس انڪري مون لاءِ هر ڳالهه نئين هئي.

ٻارهين ٻجي کن ايئرپورٽ تي پهتاسين. مالهي ۽ ڪرشن ٽنوائي ڪالهوڪيءَ مسان ٽين ٻجي کن پهتا. منهنجي ٽڪيٽ انهن کي هئي ۽ هت ايئرپورٽ اندر پڻ ٽڪيٽ جي وٺڻ ڪوا ئي ڏياريون. ان ڪري مان ٻاهر ئي ايئو سندن انتظار ڪندو رهيس. جڏهن آيا تڏهن اندر وياسين ته اتري ۾ جڳهه وٺڻ آيو ۽ ڪجهه سامان پنهنجي عزيزن کي ڪراچيءَ ۾ ڏيڻ لاءِ ڏياريائين. مالهي صاحب کي سندس ڪڪيون ڇڏڻ آيون هيون. مون پڇا ڪي مهرباني منهنجي ڇيو، جي اون دهلي وڃي هيءَ وڃڻ ته ويئي اچين ها ته اڄ اسان هتي نه هجون ها.

بس، ايئرپورٽ جي اندر آياسين، جڏهن ته ٻاهر وڃڻ ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه چار ڪلاڪ ضرور هجن، ڇو جو هت ته هڪ قطار ۾ سامان تورڻ جي ٻي قطار ۾ رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ. اسين ٻاڻ ۾ ٽي چار ڪلاڪ هئاسين ان ڪري سڀني جو سامان گڏ توراياسون، نه ته منهنجو سامان ڪٿان جي پڪ ڪري پئسا وڌيڪ لڳي ها.

مان وائڙن واگر چوگرد نهاريندو مالهي ۽ ڪرشن جي پٺيان وهندو رهيس. ڇو جو مان هوائي جهاز ۾ هي پهريون دفعو مسافري ڪرڻ وارو هوس. مالهي ۽ ڪرشن ته اڳ ئي هوائي جهاز جي مسافري ڪري چڪا هئا، انڪري هنن لاءِ اهي سڀ ڳالهيون عام هيون. پر مان....

بس، سنڌ وڃڻ جي خوشيءَ ڪري ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو ۽ اسين اچي جهاز اندر وهاسون.

جهاز سوا ڪلاڪ بعد اچي ڪراچيءَ پهتو. جهاز مان ٻاهر نڪري، سنڌ جي زمين تي پير رکندي منهنجو ڪنڌ ازخود سجدو ڪرڻ واري لوع ۾ هيٺ جهڪي ويو.

ڪونه سگهندس، باقي ڇڏتا ڇو ڪريان؟ شڪروار تاريخ ٢٤ نومبر تي مهاراشٽر ۾ لوڪ سڀا جون چونڊون هيون. ڇنڇر ڏينهن وچٽو هو. مالهي صاحب جي صلاح تي سامان سڄو ٻڌي رکيو هوم، جي ويا سين ته واه واه، نه ته ٻه سامان گهر ۾ ئي آهي - ڇنڇر صبوح جو مالهي صاحب فون ڪئي ته ويزا به اچي وئي آهي ته ٽڪيٽ به. بس، گهران ٻارهين بجي نڪري سڌو بمبئي ايئر پورٽ تي اچ. ڪرشن ڪٽواٽي به آهي.

گوبند مالهيءَ اهو به چيو ته، ٻارهين بجي گهران نڪري سهار ايئر پورٽ تي پهچان. پر مان مونجهي پيس ته، ايئر پورٽ تي پهچان ڪيئن؟ هن ڪان اڳ ڪڏهن ايئر پورٽ ڏٺو ئي ڪونه هيم. نه ڪنهنکي ڇڏڻ ويو هوس ۽ نه. وري ڪنهنکي وٺڻ ويو هوس. ڪي چوندا هئا ته الهاسنگر ڪان گهاٽڪوپر وڃي پوءِ اُتان ايئر پورٽ وڃبو آهي. هري موٽواڻيءَ چيو ته پهريان ونس وڃان ۽ پوءِ اُتان ساڻس گڏجي ايئر پورٽ وڃان. وقت ٿورو هو- ليٽ صبوح جو سوا ڏهه وڳي فون ڪري پڇيم، ڇو جو هوُ چڱا ئي ڏوعا سندو ويو هو، سو سمجهيم ته ڪيس پوري ڄاڻ هوندي. بس ڪيس فون ڪرڻ جي دير هئي، ڇيائين پنهنجو پائنيو ٿو موڪليان، اهو توکي پاڻهي ايئر پورٽ تي ڇڏي ايندو. بس اندو گهري هڪ اڌ، هٿ ته ٻه اڪيون ئي مليون. برابر ٻارهين بجي جڏه ولر جو پائنيو ايرپش آيو ۽ سامان کڻائي، هڪ بئگ. V.I.P. جي ڇوله. انهي فقط ڪتابن سان ڀريل بي V.I.P. جي ارڙهن انچ ڪپڙن جي ۽ هڪ شولڊر بئگ.. بس اهو هو سامان. پر ڪتابن جي بئگ جان ڪان ڀاري هئي اها نوبش کڻئين ۽ ڪپڙن جي بئگ ۽ شولڊر بئگ مون کڻئين. ونلوازيءَ ڪان گهاٽڪوپر پهتاسين ۽ اُتان ايئر پورٽ تي. مون هن کان اڳ ايئر پورٽ ڏٺو ئي ڪونه هو، هوائي جهاز جي مسافري ته.

جواب ڏنو، ها، اهو ڏيکاريائي. توهان کي ايڏي ياد آهي!. مون چيو، ياد ٿي ته پر "شاهدي" ناٽڪ جي گفتگو به ياد آهي. مالهيءَ چيو، هي ناٽڪ ڀارت ۾ پڻ اسٽيج تي ڪيو ويو هو، جنهن ۾ شاهد جو پارٽ ڪرشن راهيءَ ڪيو هو ۽ ڪردار سان خوب نڀاهيو هئائين. انهن ڳالهيون ڪندا اچي هوٽل پرل ڪانٽيننٽل ۾ پهتاسين. اسان لاءِ پهرئين ماڙيءَ تي ٻه روم بوڪ ڪرايا ويا هئا. اسان پاڻ ۾ ٽئي ڄڻا هئاسين، مالهي، ڪرشن ۽ مان، پر روم ۾ فقط ٻن ڄڻن جي رهڻ جي اجازت هئي. ٽيون وڌيڪ رهائڻ لئي ڏنائون انڪري لاچار مالهي ۽ مان هڪ روم ۾ ۽ ٻئي ۾ ڪرشن ڪٽواڻي. پر ٻئي روم گڏ هئا. اڃا ڪرشن جو سامان ڪٽي ان جي روم ۾ آياسين ته هڪ شخص قد جو پورو پدو پعدلي ان کي ڏٺو چئي ته سگهو ۽ ته وري پدرو ٿي، بدن جو ٿورو ڀرال. سندي پوشاڪ يعني سلوار ۽ قميص ۾ ملبوس اچي ويو. چي مان ڪرشن جي روم ۾ رهندس. تون ڪير؟ چي مان تنوير عباسي.

تنوير عباسي، خيرپور ميرس ڪان آيل هو، "سچل ڪانفرنس" لاءِ. تنوير عباسي شاعر ۽ اسڪالر. مون چيو، "........ ۽ سچل چيئر جو پروفيسر ....". خيرپور ميرس ۾ شاهه لطيف يونيورسٽي ۾ سچل چيئر شروع ڪئي ويئي جتي سچل جي ڪلام تي کوجنائيڪ ڪم ڪيو وڃي ٿو. (۽ اسان وٽ سنڌي چيئر اڃا سوڌو شروع ٿي نه سگهي آهي) روم ۾ ميز تي سڪو ميوو، تازو ميوو پيل هو، کاڌوسين. تنوير چئن ڄڻن جي مانيءَ جو آرڊر ڏنو.

ماني کائي ڳالهيون ڪندي رات جا ٻه اچي لڳا. سڀني ڏينهن جي ٿڪاوٽ، سنڌ اچڻ جي خوشي - اکيون ٻوٽيون ٿي ويون. مان ۽ مالهي ته پنهنجي روم ۾ اچي سمهي پياسين،

جهاز ايئر پورٽ ڏان ڇڪو پري ٻيهاريو پيا لاٿو ويو هو، اڳري سڀني مسافرن کي ايئر پورٽ جي عمارت تائين پهچائڻ لاءِ P. I. A. وارن جي بس ۾ وهاريو ويو ۽ ڪجهه ئي منٽن بعد بس اچي ايئر پورٽ تي پهتي ۽ اسان سامان ٻاهر ڪڍي ايئر پورٽ جي هال ۾ پهتاسين. جتي مال جي جاچ ۽ ٻيون فارمئلٽيز پوريون ڪرڻيون هيون ته سامهون پاڻي جون ٽڪيٽيون ڏٺي ڪي شخص بس مان لهندڙن جي سامهون اچڻ لڳا. ٽڪيٽن تي ڀارت مان آيل ڊيليگيشن جو سواڳت وارا لفظ لکيل هئا، سنڌيءَ ۾:

بس، اهي ئي ته اسانجا مهمان نواز هئا.

هڪ پار ٻاهون ڦهلائي اسان کي ڀاڪر ۾ ڪندو ويو. جڏڪ سنڌ ڌرتي پنهنجي وڇڙيل ٻارڙن کي پنهنجي گود ۾ آڻڻ لاءِ ٻاهون ڦهلائي خوشيءَ ۾ نه سمائجي هجي. اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. مان هونءَ به روئڻو آهيان، ڏک ۾ روئڻ ته ايندو اٿم. پر سچي سک ۽ پنهنجائپ تي اکين ۾ آسون اچي ويندا اٿم هيء به اها ئي حالت هئي. ولي محمد اسان کي وٺي وڃي هڪ روم ۾ وهاريو جتي ايئر پورٽ جي آفيسرن سان واقفيت ڪرايائين. اهي سڀ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. بس اسان چانهه ئي پي رهيا هئاسين ته اسانجون سڀ فارمئلٽيز پوريون ٿي ويون. اسان کي هوٽل ۾ وٺڻ لاءِ ايئر پورٽ کان ٻاهر آئي هڪ ولايتي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار ۾ وهاريو ويو. اڳيان ڪار هلائيندڙ سان گڏ مالهي ۽ پٺيان سيٽ تي مان ۽ ڪرشن ويٺاسين.

ڪار هلائيندڙ گاڏي ٻاهر ڪڍي مکيه رستي تي آڻيندي چيو، ”مان آهيان محمد علي، عثمان علي ڏيپلائي جو پٽ.“ منهنجي واتان نڪري ويو، ڏيپلائي صاحب ”سانگهڙ“ ناول جو ليکڪ ۽ ”شاهدي“ ناٽڪ جو لکندڙ. ڪار هلائيندڙ

پوئين ڏانهن هليا ويا هئا. باقي هاسٽل ۾ ان جا رومس ۽ ڪاٽ جي ڏاڪڻ، مالهي ۽ ڪرشن ٻارڻ ۾ هڪ ٻئي کي پئي ياد ڏياريو ته هتي سوڀو هن روم ۾ رهندو هو، مان هن روم رهندو هيس. انهن رومن جي دروازن کي هٿ لائي، تواريخ جا وسريل ورق ياد ڪندي ٻهراڻين ماڙي کان هيٺ لهي ٻاهر آياسين.

ان اُسؤ لاءِ ٻعدي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ٿيڻ لاءِ سڄي دنيا مان انڪل هڪ سؤ کن ڊيليگيٽ آيل هئا. ڀارت مان ڇهه ڄڻا، آمريڪا مان، لنڊن مان، ڪوئيٽا مان، لاهور مان، اسلام آباد مان، راولپنڊيءَ مان ۽ سڄي سنڌ مان سنڌي عالمن کي ڪوٺ ڪيل هئي. ائين ڪوڙ آهي ته سڄي سنڌ جي سڀني عالمن اديبن کي ڪوٺ ڪيل هئي، ڪيترن کي ڪوٺ ڪوڙ هئي. پر اهي اسان ڀارت مان آيل ڊيليگيٽن سان گڏجڻ لاءِ ڪانگريس جي موقعي تي آيل هئا، ڪي حيدرآباد مان ته ڪي خود ڪراچيءَ مان. شام جو ڇهين لڳي مهورتي اُسو هو.

اسان ڊيليگيٽن کي بس دواران ان جاءِ تي آندو ويو. سڀني ڊيليگيٽن مان ڀارت مان آيلن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ٿي ڏنو ويو. ڀارت مان آيل ڊيليگيٽن جا ٻه ٽـــي ٽولا ٺهي ويا. هڪ ٽولو جنهن ۾ وڏا شولڪي ۽ سندس پٽڻ، ٻئي ٽولي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ شري قيمت هرڀسنگهاڻي ۽ ٽئين ٽوليءَ ۾ هئا گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻارايڻ ٻارائي. اهي ٽي ٽولا جدا جدا هنڌن تي ويندا ته گڏ هئا، پر گڏجندا مسجندا جدا جدا هئا ۽ هر ڪنهن جون پسنديون ٻنهجون هيون.

مثال طور - هڪ ڏينهن شيخ اياز وٽ گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻارايڻ ٻـــارائي ويا، تـه ڊاڪٽر جيٽلي، قيمت هرڀسنگهاڻي هندومان جو مندر ڏسڻ ويـــا ته وڏا شولڪي ۽

ٻئي ڏينهن ڪرشن ٻڌايو ته هن رات جو ۴ بجي ڪلاڪن ۾ ٻئي
ڳالهيون ڪيون.

صبوح جو ڪلاڪين ٻجي لڏون ڪري ڀڳو. مان ڪتاب ڪڍي
ڪڇ، انور ڪنهن ڏاڍ ۽ ڪڇ. پين دوستن لاءِ سمت ڏاهي
رکيم. انور لبون ڪرائي ڪراچي گهمائڻ لاءِ هڪ ڪار جو
بندوبست ڪيو ۽ پوءِ ڪار ۾ چڙهي ڪراچيءَ جي رستن بازارن
مان ٿيندا، ڪلفٽن تي آياسين. ڪرشن ۽ مالهي پاڻ ۾ چيو،
اڄ ڪلفٽن جي حالت هيءَ ٿي وئي آهي، اڳي ڪيڏي نه
صفائي هوندي هئي ۽ هاڻ هيڏو گند. ”توهان ته صاف سٿرا
هئا نه.“ انور چيو.

پس، صاف سٿرا اڪري ويا ۽ گند اچي ويو.

ڏٺم ته ڪرشن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا ۽ هو خاموش هو.
مالهي جڏهن ته من جي پريشانين ۾ اچي ويندو آهي ته سگريٽ
وٺي ڇڪيندو آهي. سگريٽ لـ ڪڍهن وٺ هئا ڪول. سو
ڪار هلائيندڙ ماڻهوءَ هڪ پان واري کان سگريٽن جو پاڪيٽ
۽ ماچيس وٺي آيو.

ڪراچيءَ جي ڪلفٽن ڪاڇوءَ وري ڪراچيءَ جا رستا ۽ پوري
کان جناح جو مقبرو ته ڏٺوسين. منهنجي دل هئي ته مان ڊي.
جي. سنڌ ڪاليج ۽ منارام هاسٽل ڏسان. جڏهن ڪاليج ۾
شام پڙهندو هو ۽ اتان ته تعليم ورتي، جڏهن هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ
پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هو ۽ سوڀو گيانچنداڻي، ڪيرت ۽
مالهي جتي رهندا هئا. اهي جايون مون لاءِ تيرٿ آستان
برابر آهن. پر تيرٿ آستان ۾ آخر هوندا ڇا آهن؟ ڪار سنڌ
ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڏانهن اچي بيٺي. وڏا وڏا گول ٿنڀا
ڪاليج بند هو جو پروفيسرن جي هڙتال هئي. پوءِ مان ٿي منارام
هاسٽل هئي الي ته وڌارني ڪول هئا جو اهي اسٽرائيڪ ڪري

بس ۾ ٻه مان، مالهي ۽ ڪرشن ڪنواڻي گڏ هئاسين، مرليڌر، هيمنت ۽ ويٺا ٻي بس ۾ هئا.

مان بوٽ ۾ اچي ويٺو هوس - پنهنجو ملڪ، پنهنجي زمين، پنهنجا ماڻهو جن سان گڏجڻ لاءِ انتظار ڪندو رهيو هوس سي سڀ جو هڪ هنڌ گڏيا ته پوءِ بوٽ ۾ نه ايندس نه. ڇا ٿيندو. ۽ جڏهن ٻار پنهنجن ۾ اچي بوٽ ۾ ٻارجي کي حرڪتون ڪندو آهي ڏسڻ موڪلائڻ نه ٿيون.

بس ۾ منهنجي پرسان هڪ شخص ويٺو هو، جو هو ته سنڌي پوشاڪ ۾ پر سوئٽر پيل هوس، اسان کي اڃا ٿڌ ڪونه ٿي لڳي، مون حرڪتي لهجي ۾ ڪانئس پڇيو "سچ پچ ٿڌ آهي ڇا اڃين ٿي سوئٽر پاتو اٿيئي جو ڪهڙو ۾ اڄاڻو پيو هجي ها!"

هن ٻار ته ڏاڍي پنهنجائپ سان جواب ڏنو.

"هاڻي ڪان پيتو ٻلو، اجائي پئي ڪــان پاتو ٻلو. ٻاهڻ کي ٻڌائڻ لاءِ ته نومبر ٿڌين جا ڏينهن آهـن، سوئٽر پائڻ گهرجي، ان ڪري پاتو اٿم...."

پوءِ ان سچڻ ڳالهه پڇيو، مون چيو، ٻانهن ٻاڌي پارلي. بس پوءِ ته هوءَ اٿي موڪلائي ويندي نـــي ٻاڪر پاتو ڇي مان آهيان "الهداد پوهيو" اڙي الهداد پوهيو "سنڌي پولي جو سماجي ڪارڪن" ٿيسز جو لکندڙ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ونگ جو پروفيسر - پوءِ ته جيسين اٿي سنڌ ۾ هيس تيسين ڪچهريون ڪندا هئاسين. هن پنهنجي ٿيسز ۾ منهنجن ڪن ڪتابن مان حوالا ڪيا هئا. جن لاءِ هن ڏاڍو شڪرگذاري ادا ڪئي. آخر ۾ ٻڌايو پاڪستان لاءِ هن ڇڏيو اسٽيشن تي انٽرويو ڏنو هو.

روٽيءَ واري هنڌ تي پهتاسين. هاڻ ٿوري ٿڌ شروع ٿي وئي هئي، سامهون ٻارهڻ جي لال ٻشپ جي قد بت، ڏهل ڏول

سندس ڀيڻ پٺي ڪنهن هنڌ ويا. ٻڍڙن ۽ جوانن ۽ هر ٽولي
جي پسندي پنهنجي هئي.

ها، سوان مهورلي اُسٿو لي سڀ گڏ اسن دواران ان هنڌ
پهتاسين. ساموهون صوفن تي شيخ اياز، ابراهيم جويو، سوڀو
گيانچندائي ۽ ٻيا ويٺل نظر آيا. اسان کي ۽ انهن جي ئي پرسان
صوفن تي ويهاريو ويو ۽ اهو هنڌ منچ جي بلڪل لڳ هو. اسان
منچ تي ويٺلن کي چڱيءَ طرح ڏسي ۽ ٻڌي ٿي سگهياسين.
ايتري ۾ شرمتي اصرت پنو اچي ويٺي ۽ پروگرام شروع ٿيو.

پهرين شمشير الحيدري سچل جا ڪجهه بيت پڙهيا. بعد ۾
ڪانفرنس جي روح رهاڻ ڊاڪٽر سليمان شيخ سنڌيءَ ۾ پنهنجي
ساٿيا ”سنڌ گرئجوئيٽ انسوسيئيشن“ جي واقفيت ۽ ڏني ۽
کي گهرون ۽ ڪيون. جن ۾ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ادبي
سفارتون اچڻ وڃڻ جي ۽ گهر ڪئي.

اصرت پنو ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. منچ تي تعليم وزير سنڌ
سرڪار جو ۽ موجود هو.

سڀني کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي من ۾ ڏاڍي خوشي
ٿي. مون ڀرسان ويٺل مالهيءَ کي چهنڊڙي پائي، هن مون ڏانهن
نهاريو. مون پڇيو سچ پچ سنڌ آيا آهيون يا سپنو آهي.
مالهي ٿورو هلڪو کلندي چيو، ”ها، سنڌ ۾ ئي آهيون....“

پنهنجن جي وچ هئاسين. اٽڪ پوري ٿيڻ بعد اسان کي
(سڀني ڊيليگيٽن) ماليءَ تي پٺي هنڌ وٺي هليا. ٻاهر لڪرڻ
۽ بس لائين وٺندي، واٽ تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مليو.
ٿورو گڏجڻ ٿي لڳو. مون سندس ڀرسان وڃي پنهنجي واقفيت
ڏني. چيائين ڏٺو ۽ اٿم، پر ٻڌو ۽ پڙهيو اٿم، ڏاڍو سٺو ٿيو جو
دوبارو گڏياسين. پوءِ ۽ جو وقت بس لائين پهچڻ ۾ لڳو،
ڳالهيون ڪيوسين ۽ سڀاڻي وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ وقت رکي وڃي
بس ۾ ويٺاسين.

ان ڪري سندس آرام ڪرڻ جي پٺي ۽ ٽنهين ڀاڱي جي گهر هئي ۽ سندس ٻانڪن "گستاخي معاف" لاءِ ٻه ڪن گهر ڪئي - اهڙا ڪتاب ڪڏهن نه رهيو هوس، جو ڪراچيءَ جي بوڪ سيلر ڀائي عبدالغنيءَ ڪسي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي اسانجي روم ۾ وٺي آيو. ڪتابن جي ٻنگ ڏسي عبدالغنيءَ چيو، "اهي سڀ ڪتاب موڪلي ڏي ۽ انهن جا پئسا وٺ، هونءَ ته توهان کي هت خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ته ڪين ني."

مون کيس مشڪي چيو، "مان هي ڪتاب وڪري لاءِ نه، پنهنجي دوستن کي ڏيڻ لاءِ آندا آهن. جيئن اسان اُتي هتان جي ڪتابن لاءِ سڪندا آهيون، تيئن هنن جي به ته اها ئي حالت هوندي."

"ته پوءِ هر هڪ ڪتاب جي هڪ هڪ ڪاپي ڏيو. انهي بدران جيڪي ڪتاب توهان کي کپن اهي وٺو."

مون کيس هر هڪ ڪتاب مان هڪ هڪ ڪاپي ڏني ۽ مونکي جيڪي ڪتاب کپندا هئا، اهي کيس سندس آندل ڪتابن جي فهرست ۾ نشان ڪري ڏنم.

ٻئي ڏينهن ٽي وڳا ۽ مان، مالهي ۽ ڪرشن ڪجهه ڪتاب هٿ ۾ کڻي هيٺ هال ۾ آياسين. ڪانگريس ساڳي هوٽل ۾ هيٺ هڪ هال اندر هئي. اُتي هال ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب مليو. هي صاحب اسلام آباد ۾ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر هو. ان کان اڳ سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر هو ۽ ڀاشا وگيان جو ڄاڻو آهي. سنڌي ڀاشا بابت ٽي چار ڪتاب لکيا اٿس - ساڻس خط و ڪتابت جو رستو اڳ ئي هو انڪري ڳالهين ۾ لڳي وياسين. مون کيس پنهنجو تازو ڪتاب "سنڌي لوڪ ساهت" ڏنو.

اسان ڀارت مان آيل ڊيليگيٽن لاءِ پهرين قطار ۾ جايون رکيون

وارو شخص هڪ ڇوڪريءَ سان گڏ اسان ڏانهن وڌي آيو، هيءُ آهي امداد حسيني ۽ سندس پتني صحر امداد حسيني کيس ڳڏجندي.

”هي شهر مهنجو آهي يا مهنجي دشمن جو پاڻ آهو“

سحر انهن ٻئي آئي چڱڪ صدين کان وٺي اسان جي واقف هئي ۽ اسانجي چڱڪ ڏيءُ پڻ جو هئي جو اسان (خاص طور مالهي، ڪرشن ۽ پارتي) جو خاص ڌيان ٽي رکيائين.

جتي اسانجي رات جي ماني هئي، اتان اسان بس دوارا رهڻ واري هوٽل ۾ پهچائيو هو. پر بس، هڪ ٽرپ ڪري پي ٽرپ لاءِ اچڻ ۾ دير ڪئي ۽ اهو دير وارو عرصو اسان اتي موجوده سنڌ جي ٻين ليکڪن سان ڪچهريون ڪرڻ ۾ سگهارو ٿيو. سحر امداد حسيني (هوءَ سنڌي يونيورسٽيءَ ۾ سينئر ليڪچرار آهي) ادب ۽ پنهنجي لکڻ بابت ٻڌائڻ لڳي ۽ مون کيس پارس جي سنڌي ادب، بمبئي يونيورسٽي جي سنڌي وڀاڳ، سنڌي وشو ڪٽمبڙ وديارٿين بابت حال احوال ڏنو ته اتري ۾ بس به آئي ۽ ان وقت رات جا سايا ٻاهرن کن ٿيا هئا. اسان سڌو هوٽل ۾ آياسين ۽ انڪل هڪ ٻئي کن سمهياسين. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڏهين بجي کان سچل ڪانفرنس جون بيٺڪون شروع ٿيڻيون هيون، جتي جدا جدا عالمن کي پيپر پڙهڻا هئا.

صبوح جو لت ليم مطابق پنجين بجي جاڳ ٿي، پر اٿياسين ڇهين بجي. چالهه پي - مون ڪتابن جي ٿيلهه کولي جدا جدا ڪتاب ڪڍيا. مالهيءَ جا لکيل ڪتاب ڪجهه، ڪاپيون مالهيءَ کي ڏنم ته هو ڪن اديبن کي پنهنجي پاران ڏئي اچي. ڪجهه ڪاپيون ڪرشن کي ڏنم اهي ڪتاب جي ڪرشن جا لکيل هئا، جيئن ته: ”ست ڏينهن“، ”هڪ ڏکي شالمت“. مالهيءَ جي ”آلم ڪتا“ جو پهريون ڀاڱو سنڌ ۾ ته ڇپيو ويو هو،

ليکڪ آيل ڪونه هئا. ٻي هڪ ڳالهه نظر آئي ته اتي ليکڪ وڏي عهدي تي پهچندي به لکندا ٿا رهن، سو به سنڌيءَ ۾.

اسان وٽ هت هندستان ۾ جيڪي سڄڻ شروع ۾ لکندا هئا ۽ سٺو لکندا هئا، اهي ڪنهن به وڏي عهدي تي پهچڻ بعد لکڻ بند ٿا ڪري ڇڏين ۽ جي کين ياد ڏيارجو ته وري به هو ڪنهن وقت سٺو لکندا هئا. هاڻ ڇو ڪين ٿا لکن. نه فقط ايترو بلڪ سنڌي ادبي گڏجاڻين، سيمينارن ۾ به ڪونه ٿا اچن ۽ هو مشڪي جواب ڏيندا آهن، جوانيءَ ۾ شوق هو، هاڻ ڪنهن کي ايڏو وقت آهي، بعضي ته لکڻ اندر جي لوچ نه، بلڪ هڪ شوق هو، جو وقت اچڻ پورو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن تي يعني تاريخ ٢٨ نومبر تي صبوح جو ڏهين بجي سڄي ڪانگريس جي بيٺڪ شروع ٿيڻ واري هئي - اسان صبوح جو سوير ٿي اٿندا هئاسين. ان ڪري روم مان اڪري هيٺ هوٽل ۾ ايون ڪري هال جي ٻاهران رکيل صوفن تي سنڌ جي اديبن سان ڪچهريون ڪندا هئاسين. جيئن اهو وقت به سڪارٿو ٿئي. ممتاز مرزا هيٺ اچي ٿي مليو. هتي ليکڪ پرڀيل هئا ان ڪري فقط هڪ ٻئي کي ساڃي پڌائڻ جي ضرورت هئي. پوءِ نه شرت بابو، ٽئگور جي ادب تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ممتاز، ٽئگور ساهت جو گهرو ابياس ڪيو آهي، هي ٽئگور تي ڪجهه لکڻ ٿو چاهي، انڪري ٽئگور بابت اڪثر ادب بابت پڇيائين. ڪرشن کٽواڻي کيس ان باري ۾ ڪافي ڄاڻ ڏني ۽ شانتينڪيتن جو به احوال ٻڌايو.

سنڌ جو نوجوان شاعر ۽ خيرپور ميرس ۾ شاه لطيف يونيورسٽي جي ليڪچرار اياز گل ڪافي دير ملي ويو هو. فوٽو به جام ٿي ڪڍيائين. ها هڪ ڳالهه ذڪر لائق آهي ته اتي گهڻن وٽ پنهنجون ڪئميرائون هيون، ۽ وقت بوقت اسانجا ۽ انهن جا

ويون هيون، آئي وڃي ويٺاسين. سڄو هال ڀريو پيو هو. پيپر پڙهندڙ عالم هڪ ٻئي پيپر پڙهي رهيا هئا. انهن تي بحث مباحثو ڪونه ٿي ڪيو ويو، فقط پيپر پڙهيا ٿي ويا.

ڪجهه وقت بعد مان هال ۾ پٺيان پيل صوفن مان هڪ تي ويٺس. اتي آغا سليم، اياز گل، ابراهيم جويو اڳ ئي ويٺل هئا. انهن سان ڪچهريون ٿيون. اسان جو دوست موهن ڪلپنا چوندو آهي ته، "هتي ٿيندڙ سيمينارن ۾ سچا سيمينار ته هنن سيمينارن کان ٻاهر ٿيندا آهن. يعني ليکڪ ٽولو ڪري باغ ۾ ڪٿي ويهي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا آهن......"

سچ پچ ته مون آغا سليم، قمر شهباز، ابراهيم جويي ۽ ٻين اديبن سان خيالن جي ڏي وٺ ٻاهر ئي ڪئي. هونئن ته سيمينارن ۾ ويهندي ته، فقط هڪ ٻئي سان ڪيڪار ئي ڪري سگهجي ٿي. جئن رسول بخش پليجي سان ئي سگهي. ڳالهيون ڪندي معلوم ٿيو ته، هن ڪانگريس ۾ ڪيترن ئي ليکڪن کي ڪوٺ ٿيل ڪونه هئي. انهن ۾ اهي ليکڪ به هئا جي حيدرآباد جا رهندڙ هئا. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ بس يا ڪار دوارا ٻن ڪلاڪن جو مفاصلو آهي. جئن بمبئي ۽ امولانف وچ ڪار دواران اچڻ وڃڻ ۾ فقط چار ڪلاڪ لڳن ٿا. ليڪن ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وچ اچ وڃ آهي.

منجهند جو لنچ وقت شوڪت شورو، مدد علي سنڌي ۽ ٻيا ليکڪ گڏيا، جن ٻڌايو ته کين ڪوٺ ته ڪونه آهي، پر هو اسان (ڀارت مان آيل ڊيليگيٽن) سان گڏجڻ جو موقعو پلي نه سگهيا.

